ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 11 جون 2026ع 25 ذوالحج 1447هه صفحا 06 - ملهه 30 ويپه شمارو (295)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Thursday 11th June 2026

آمريڪا جي ايران خلاف فوجي ڪارروائي، تهران جو سخت جواب، بحرين، اردن ۽ ڪويت ۾ آمريڪي فوجي اڏن تي ميزائل حملا

آمريڪا هڪ آمريڪي فوجي هيلي ڪاپٽر کي ڪيرائڻ کان پوءِ ايران خلاف فوجي ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي، ڏکڻ ايران جي مختلف علائقن ۾ زوردار ڌماڪن جا آواز ٻڌا ويا

هرمزگان صوبي جي اوپر وارن علائقن، سرڪ، قشم بيٽ ۽ بندر عباس جي آس پاس ڌماڪن شهرين ۾ پريشاني پيدا ڪري ڇڏي، آمريڪا جو ايران خلاف جوابي فوجي ڪارروائي مڪمل ڪرڻ جو اعلان

ايران پنهنجي سلامتي ۽ خودمختياري خلاف ڪنهن به حملي يا خطري کي برداشت نه ڪندو ايراني قوم ۽ هٿياربند فوج ڪنهن به قسم جي جارحيت جو سخت جواب ڏيڻ جي قابل آهن

آمريڪي حملي ۾ ڏکڻ ايران جي سرڪ علائقي ۾ هڪ ٽيليڪميونيڪيشن ٽاور کي نقصان پهتو پاڻي جا ٽينڪ پڻ تباهه. بحرين ۾ مقرر آمريڪي پنجين بحري ٻيڙي کي ڊرون حملي سان نشانو بڻايو ويو

خطي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ جي ڪري وچ اوڀر جي صورتحال هڪ ڀيرو ٻيهر انتهائي حساس ٿي وئي، عالمي برادري جي ڌرين کي صبر کان ڪم وٺڻ ۽ وڌيڪ تڪرار کان بچڻ جي اپيل

تهران/واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪا هڪ آمريڪي فوجي هيلي ڪاپٽر کي ڪيرائڻ کان پوءِ ايران خلاف فوجي ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي ايراني ميڊيا موجب، ڏکڻ ايران جي مختلف علائقن ۾ زوردار ڌماڪن جا آواز ٻڌا ويا، جڏهن ته ڪيترن ئي هنڌن تي ميزائل حملن جون رپورٽون پڻ سامهون آيون آهن رپورٽن موجب، هرمزگان صوبي جي اوپر وارن علائقن، سرڪ، قشم بيٽ ۽ بندر عباس جي آس پاس ڌماڪن شهرين ۾ پريشاني پيدا ڪري ڇڏي آهي آمريڪي فوج اعلان ڪيو آهي ته ايران خلاف ان جي جوابي فوجي ڪارروائي مڪمل ٿي وئي آهي آمريڪي عملدارن موجب، حملي ابتدائي هرمز جي ويجهو آمريڪي حملي ۽ هيلي ڪاپٽر جي حادثي کان پوءِ ڪيا ويا. هوڏانهن ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي آمريڪا جي تازي فوجي ڪارروائي تي سخت رد عمل ظاهر ڪندي خبردار ڪيو آهي ته ايران پنهنجي سلامتي ۽ خودمختياري خلاف ڪنهن به حملي يا

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

وفاقي بجيٽ مامرو: حڪومتي ٽيڪنيڪل ڪميٽي ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ ڳالهيون ڪامياب

پيپلز پارٽي سان ڪامياب ڳالهين دوران ايندڙ مالي سال جي بجيٽ کان اڳ اهم مالي مفاهمت تي اتفاق

وفاق کي ايندڙ مالي سال جي ٽيڪس هدف لاءِ واڌو رقم فراهم ڪئي ويندي، اين ايف سي جي فارمولي ۾ تبديلي نه ڪئي ويندي

موجوده مالي سال جو ٽيڪس هدف 13005 ارب رپيا ۽ ايندڙ مالي سال جو ٽيڪس هدف 15264 ارب رپيا هوندو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) حڪومت جي ٽيڪنيڪل ڪميٽي ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ ڳالهيون ڪامياب ٿي ويون آهن نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ ٽيڪنيڪل ڪميٽي جي گڏيل ڏينهن پيپلز پارٽي سان ڪامياب ڳالهين دوران ايندڙ مالي سال جي بجيٽ کان اڳ اهم مالي مفاهمت تي اتفاق ٿي ويو

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: پاڪستان ۾ اسپين جي سفير ڪارلوس آراگون موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي جي وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ سان ملاقات ڪندي

فلپائن ۾ زلزلي سبب 45 ڄڻا فوت، 487 زخمي ٿي پيا

منيلا (اي پي پي) فلپائن ۾ 7.8 شدت جي طاقتور زلزلي جي نتيجي ۾ گهٽ ۾

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڏکڻ آفريقا: جوهانسبرگ ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ 12 ڄڻا فوت

جوهانسبرگ (اي پي پي) ڏکڻ آفريقا جي شهر جوهانسبرگ جي آوير پاسي ڪلولينڊ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ ڪفايت شعاري بابت ڪميٽي جو اجلاس، اهم فيصلن جي منظوري

مختلف وزارتن ۽ ڊويزنن پاران ڪفايت شعاري وارن قدمن کان ڇوٽ لاءِ ڏنل درخواستن جو جائزو

ڪوئيٽا، ڪراچي، پشاور، گجرات ۽ لاهور ۾ رابطا آفيسن ۾ قونصلر تصديق جون خدمتون جمعي تي به جاري رهنديون

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار اربع ڏينهن هتي بارڻ جي تحفظ ۽ اضافي ڪفايت شعاري جي قدمن جي نگراني ۽ عملدرآمد بابت ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪئي نائب وزيراعظم آفيس پاران جاري ڪيل بيان موجب، اجلاس ۾ مختلف وزارتن ۽ ڊويزنن پاران ڪجهه ڪفايت

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت عوامي خدمتن ۽ ٽرانسپورٽ شعبي ۾ ڊجيٽلائيزيشن ويزن تي تيزي سان عمل ڪري پئي: شرجيل ميمڻ

ڪراچي نيو سبزي منڊي ۾ خصوصي ون ونڊو فيسليٽيشن ڊيسڪ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي

هن قدم جو بنيادي مقصد ڪمرشل ۽ مال بردار گاڏين کي ڊجيٽل ۽ آٽوميشن نظام ۾ شامل ڪرڻ آهي

جديد ٽيڪنالاجي ذريعي عوام ۽ ٽرانسپورٽرن کي شفاف ۽ آسان خدمتون فراهم ڪيون پيون وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت نيو سبزي منڊي ۾ ٽرانسپورٽرن جي سهولت لاءِ خصوصي ون ونڊو فيسليٽيشن ڊيسڪ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي پاران لاڳاپيل ادارن کي فوري قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. ان سلسلي ۾ ٽرانسپورٽ کاتي جي هڪ اهم

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: سنڌ جي سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي کاتي سمورن صوبائي کاتن لاءِ تيار ڪيل پنهنجي نئين اي-پورٽل جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

صدر آصف علي زرداري پاران مظفرآباد ويجهو پاڪ فوج جي ايم آءِ 17 هيليڪاپٽر جي حادثي تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري مظفرآباد ويجهو پاڪ فوج جي ايم آءِ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران مظفرآباد ويجهو پاڪ فوج جي ايم آءِ 17 هيليڪاپٽر جي افسوسناڪ حادثي تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف مظفرآباد ويجهو پاڪ فوج

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مبينا مقابلو، فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ٻه جوابدار مارجي ويا

ضلعي سينٽرل ۾ شاهين فورس ۽ انڊسٽريل ايريا پوليس گڏيل ڪارروائي ڪندي ڌوهارين سان مقابلو ڪيو

نالو اسٽاپ پرسان شڪي جوابدارن پوليس کي ڏسي فائرنگ ڪندي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي

انڊسٽريل ايريا ۾ پوليس جوابدارن کي گهيرو ڪري ورتو، ٻنهي طرفان کان هڪٻئي تي فائرنگ شروع ٿي وئي

مقابلي ۾ ٻه مبينا ڦورو مارجي ويا، ٻه پسٽل لوڊ ميگزين، ٻه موبائل فون ۽ موٽر سائيڪل هٿ آئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ضلع سينٽرل نيو ڪراچي شاهين فورس ۽ نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا پوليس جي گڏيل ڪارروائي دوران هٿياربندن سان فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ٻه مبينا ڌوهاري مارجي ويا. پوليس موجب نيو ڪراچي شاهين فورس جو نالو اسٽاپ سيڪٽر 11-D نيو ڪراچي پرسان مشڪوڪ جوابدارن سان مقابلو ٿيو پوليس کي ڏسي جوابدارن فائرنگ ڪندي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي شاهين فورس جي اهلڪارن سندن پٺيان پيچو

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2



سرگودها: ٻه شاگرديائيون ڇتري جو استعمال ڪندي تيز اس کان بچاءُ ڪري رهيون آهن

سنڌ صدين کان مختلف تهذيبن، ثقافتن، مذهبن ۽ روايتن جي علامت رهي آهي: ذوالفقار شاهه

هن ڌرتي تي محبت، رواداري، برداشت ۽ باهمي احترام جون روشن روايتون موجود آهن

سنڌ حڪومت صوفين جي امن، محبت، برداشت واري پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ قدم کڻي پئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت واري صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه عالمي ڏهاڙي "بين التهذيبي مڪالمن جي عالمي ڏينهن" جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته ثقافتي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ قائم ٿيل غير قانوني ڪال سينٽر تي ڇاپو، ست جوابدار گرفتار

نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي گلستان جوهر بلاڪ 12 ۾ ڪارروائي ڪئي

جوابدار راحيل، ليونارڊ ايڊگر، جوشوا، فيريسن، نيهل سيمسن، ايڊيسن، آفتاب، حمزه شيخ ۽ آرٿلا ٻين سوگها

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (NCCIA) ڪراچي گلستان جوهر بلاڪ 12 ۾ ڪارروائي ڪندي هڪ غير قانوني ڪال سينٽر کي بي نقاب ڪري ڇڏيو جتي ست

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

اڳوڻي صلاحڪار اسماعيل ڏاهري جي صحت ۾ سڌارو، ٽراما سينٽر منتقل

لاڙڪاڻي جي سينٽرل جيل ۾ چار ڏينهن اڳ سندس اوچتو طبيعت خراب ٿي پئي هئي

اسپتال ۾ علاج ڪانپوءِ طبيعت سڌرڻ بعد ڪيس آءِ سي يو وارڊ مان ٽراما سينٽر

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) اڳوڻي صوبائي صلاحڪار محمد اسماعيل ڏاهري جي صحت ۾ سڌارو ڪيس آءِ سي يو وارڊ مان ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو جتي سندس جو علاج هلندڙ آهي ان سلسلي ۾ مليل معلومات موجب لاڙڪاڻي جي سينٽرل جيل ۾ مختلف ڪيسن ۾ جيل پوليس اڳوڻي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2



ٽنڊوالهيار: پي سي مصطفيٰ لغاري محرم الحرام جي حوالي سان اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ ناري کي ساهرن گهر جي ڏاڪڻ تان ڌڪو ڏئي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال منتقل

ايوب ڪالوني ۾ ناري خوشبو سمون کي مڙس، ڏير ۽ سهري گهرو اڻبڻت تان مارڻ جي ڪوشش ڪئي

مڙس اقرار، ڏير ابرار ۽ سهرو ڪامران سمون مارڻ چاهين ٿا، تحفظ ڏنو وڃي: ناري جو مطالبو

لاڙڪاڻو (س ر) لاڙڪاڻي شهر جي ايوب ڪالوني ۾ ناري کي مڙس، ڏير ۽ سهري گهرو اڻبڻت تان مبينا طور گهر جي ڏاڪڻ تان ڌڪو ڏئي مارڻ جي ڪوشش ڪئي، پاڙي وارن زخمي ٿيل ۾ نياڻي کي لاڙڪاڻو

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڄامشورو لڳ مبينا طور ساهرن هٿان قتل ٿيل نوجوان جو ڪيس داخل، گرفتاري نه ٿي

مقتول امتياز ٿيٻو جي قتل جو ڪيس سندس امڙ خورشيد جي فرياد تي داخل ڪيو ويو

جوابدار ڏر گهر خالي ڪري فرار ٿي ويڃڻ سبب ڪابه گرفتاري عمل ۾ اچي نه سگهي

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشورو شهر جي ڳوٺ الهرکيو ڪوسو ۾ سٽوٽ سالن نس ۽ گهرواري جي هٿان بيدردي سان قتل ڪيل نوجوان پورهيت امتياز ٿيٻو جي قتل جو ڪيس اي سيڪشن ٿاڻي تي سندس امڙ

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نوجوان جي مبينا قتل واري واقعي جو ڪيس داخل، ڏاڏي، اڳوڻي مڙس ۽ ڀيڻ تي الزام

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اورنگي ٽائون سيڪٽر 10 ۾ نوجوان حمزه جي مبينا قتل واري واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو مقتول جي والد سنگين الزام هڻندي چيو آهي ته سندس پٽ کي سندس ڏاڏي دعا،

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي اقليتي معاملن واري کاتي طرفان گهارو ويجهو قتل ٿيل ناري ڇيتنا جي ماءُ کي 2 لک رپين جو امدادي چيڪ ڏنو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي اقليتي معاملن بابت خاص مددگار ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي جو هڪ ٻيو واعدو پورو ٿيو آهي. سنڌ حڪومت جي اقليتي معاملن

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2



ٽنڊو محمد خان: بيروزگاري کان تنگ اچي خود ڪشي ڪندڙ نوجوان جو لاش

يمن جو سعودي پروگرام سان 150 ملين ڊالر جي گرانٽ جو معاهدو

رياض (اي پي پي) يمن جو سعودي پروگرام سان 150 ملين ڊالر جي گرانٽ جو معاهدو طئي ٿي ويو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق يمن جي توانائي واري وزير عدنان

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

نيوزيلينڊ جي آڪلينڊ بيٽ ويجهو 6.0 شدت جي زلزلي جا لوڏا

هانگ ڪانگ (اي پي پي) نيوزيلينڊ جي آڪلينڊ بيٽ ويجهو اربع ڏينهن 6.0 شدت جو زلزلو رڪارڊ ڪيو ويو آهي پرڏيهي ميڊيامطابق آمريڪي جيولوجيڪل سروي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

گڏيل قومن جو وچ اوڀر ۾ تشدد جي خاتمي جو مطالبو

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيوگوتريش وچ اوڀر ۾ تشدد جي نئين سر اضافي تي سخت پريشاني جو اظهار ڪيو آهي. جاري بيان

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پوليس ۾ اهم انتظامي تبديليون ڪيون ويون، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پوليس ۾ اهم انتظامي تبديليون ڪيون ويون آهن جنهن تحت اي آءِ جي ڪراچي 14 اي ايس پي ۽ ڊي ايس پي آفيسرن کي نيون ذميواريون سونپي ڇڏيون آهنئين مقررين مطابق قرتالعين کي اي ايس پي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

قومي اقتصادي ڪائونسل وفاقي ۽ صوبائي ترقياتي پروگرام لاءِ 3669 ارب رپين جي منظوري ڏئي ڇڏي

وزيراعظم جي صدارت هيٺ قومي اقتصادي ڪائونسل جي اجلاس ۾ وفاق ۽ صوبن پنهنجن ساليانين ترقياتي پروگرامن ۾ 1046 ارب رپين جي گهٽتائي تي راضپو ظاهر

اجلاس ۾ وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، وزيراعليٰ ڪي پي ڪي سهيل آفريدي ۽ وزيراعليٰ بلوچستان سرفراز بگٽي شريڪ، وزيراعليٰ مريم نواز بيماري سبب شرڪت نه ڪري سگهي

وفاق جو ترقياتي بجيٽ 126 ارب رپين جي ڪٽوتي ڪانپوءِ هاڻي 1000 ارب رپيا مختص، صوبن جو پنهنجي ترقياتي پروگرامن لاءِ مختص بجيٽ ۾ 920 ارب رپيا گهٽ خرچ ڪرڻ تي اتفاق

پاڪستان کي معاشي ترقي جي رفتار تيز ڪرڻ لاءِ رعايتون متعارف ڪرائڻيون پونديون، پاڪستان ميڪرو اڪنامڪ استحڪام ته حاصل ڪري ورتو آهي: وزيراعظم شهباز شريف

نوان منصوبا شروع نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، وفاقي حڪومت گذريل ڪيترن ئي هفتن کان بجيٽ بابت صوبن سان مشاورت ڪري رهي آهي ۽ وفاق توڙي صوبن وچ ۾ هم آهنگي ضروري آهي

پنجاب ترقياتي بجيٽ جي مد ۾ 749 ارب رپيا، سنڌ 706 ارب رپيا، خيبرپختونخوا 455 ارب رپيا ۽ بلوچستان حڪومت 308 ارب رپيا ترقياتي منصوبن تي خرچ ڪندي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايندڙ مالي سال جي بجيٽ جي اعلان کان اڳ، پاڪستان جي قومي اقتصادي ڪائونسل وفاقي ۽ صوبائي ترقياتي پروگرام لاءِ 3669 ارب رپين جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي، جڏهن ته ايندڙ مالي سال لاءِ معاشي ترقي جي شرح جو هدف 4 سيڪڙو ۽ مهانگائي ۾ واڌ جو هدف 8.2 سيڪڙو مقرر ڪيو ويو آهي وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ قومي اقتصادي ڪائونسل جي اجلاس ۾ وفاق ۽ صوبن موجودا حالتن نظر ۾ رکندي پنهنجن ساليانين ترقياتي پروگرامن ۾ 1046 ارب رپين جي گهٽتائي تي راضپو ظاهر ڪيو آهي ايندڙ مالي سال لاءِ وفاق جو ترقياتي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وزيراعظم ميان محمد شهباز شريف اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

پاڪ-افغان سرحدي علائقن ۾ ڪارروائين ۾ 26 ڀارتي حمايت يافته دهشتگرد مارجي ويا

سرحدي علائقن ۾ فتنه الخوارج جي اهم دهشتگردن جي ٺڪاڻن ۽ محفوظ پناهگاهن کي نشانو بڻايو ويو

تصديق ٿيل ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي، فتنه الخوارج جي ڪئمپن ۽ ٺڪاڻن تي تمام موثر انداز ۾ ڪارروائي

چار اهم هدف مڪمل طور تباهه، هڪ تربيتي مرڪز، هڪ محفوظ ٺڪاڻو هٿيارن ۽ گولا بارود جو هڪ ذخيرو به شامل

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۾ تازن دهشتگرد حملن ڪانپوءِ پاڪ-افغان سرحدي علائقن ۾ فتنه الخوارج جي اهم دهشتگردن جي ٺڪاڻن ۽ محفوظ پناهگاهن کي نشانو بڻايو ويو انهن ڪارروائين ۾ 26 ڀارتي حمايت يافته خوارجي مارجي ويا. اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُالله تارڙ اربع ڏينهن سماجي رابطن جي پليٽ فارم

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪي پي ڪي ۾ ايف سي تي بزدلاڻو حملو ناڪام، 8 خوارجي مارجي ويا، 6 جوان شهيد

شهيد ٿيل اهلڪارن ۾ نائيڪ عاص، لانس نائيڪ يوسف، لانس نائيڪ رياض، سپاهي اجمين احسان ۽ رياض شهيد شامل

شهيدن جي قرباني رائيگان نه ويندي، قوم بهادر پٽن جي ان عظيم قربانيءَ کي هميشه ياد رکندي: وفاقي ۽ مملڪتي گهرو وزير

دهشتگردن جو حملو واضح ثبوت آهي ته فتنه الخوارج ۽ ٻين دهشتگرد تنظيم جا محفوظ ٺڪاڻا افغانستان ۾ موجود آهن: طلال چوڌري

اسلام آباد (اي پي پي) ڪي پي ڪي جي علائقي حسن خيل ۾ فيڊرل ڪانسٽيبلري (ايف سي) تي بزدلاڻو حملو ناڪام بڻايو ويو ايف سي جا 6 جوان بهادري سان وڙهندي مادر وطن تي قربان ٿي ويا. سيڪيورٽي فورسز جي جوابي ڪارروائيءَ ۾ 8 خوارجي به مارجي ويا. ذريعن موجب

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ايران ڳالهين ۾ دير ڪري ڇڏي، هاڻي ان کي قيمت چڪائڻي پوندي: ٽرمپ

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران مئي 2026ع ۾ پرڏيهه رهندڙ پاڪستانين پاران رڪارڊ 4.3 ارب ڊالر مٽاسٽا جو ناڻو موڪلڻ تي اطمينان

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف مئي 2026ع ۾ ٻاهرئين

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وفاقي وزير رانا تنوير حسين ۽ جانورن جي پالنا جو ڪمشنر ڊاڪٽر سيد مرتضيٰ حسن اندرابي، رائل گروپ آف چائنا سان معاهدي تي صحيحون ڪري رهيا آهن

عورتن جي حقن، صنفي برابري لاءِ عورت فائونڊيشن جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن: اويس قادر شاهه

سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سان ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر منيزه خان ۽ ملڪا خان وفد سان گڏ ملاقات ڪئي

پ پ نيابت عورتن جي تحفظ ۽ بااختيار بڻائڻ لاءِ تاريخي قانون منظور ڪيا آهن: اسپيڪر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه سان عورت فائونڊيشن جي ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر منيزه خان ۽ صوبائي پروگرام مئنيجر ملڪا خان وفد سميت ملاقات ڪئي وفد سنڌ اسيمبلي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ايندڙ صوبائي بجيٽ عوام دوست، ترقي پسند ۽ فلاحي قدمن تي ٻڌل هوندو: جام اڪرام

سنڌ حڪومت صوبي جي ترقي، عوامي ڀلائي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي تي خاص ڌيان ڏنو آهي

صوبائي وزير مختلف وفدن جا مسئلا ۽ تجويزون ٻڌي حل لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير صنعت ۽ واپار جام اڪرام الله ڌاريجو سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ پنهنجي آفيس ۾ مختلف وفدن سان ملاقات ڪئي هن موقعي تي ڳالهائيندي هن چيو ته مالي سال 2026-27

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

لبنان ۾ اسرائيلي فضائي حملي ۾ 11 ڄڻا شهيد، 44 زخمي

اسرائيل، صور ۾ حملا ڪيا جنهن ۾ 8 ڄڻا شهيد 35 زخمي ٿي پيا

2مارچ کان حملن ۾ مجموعي طور 3,666 ڄڻا شهيد ۽ 11,321 زخمي ٿي چڪا

بيروت (اي پي پي) لبنان ڪجوبي ضلعي صور ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ اسرائيلي فضائي حملن ۾ 11 ڄڻا شهيد ۽ 44 زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب لبنان جي پبلڪ هيلٿ واري وزارت

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: آرڪيالاجي ۽ ميوزيم ڊپارٽمينٽ، راولپنڊي جي انتظاميه، ڪاليج ۽ تعليمي ميوزيم قائم ڪرڻ ۽ ورثي جي تعليم کي فروغ ڏيڻ لاءِ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪندي

ڪراچي جي شهرين کي صحت جون معياري سهولتون بنا ڪنهن فراهم ڪيون وڃن: مرتضيٰ وهاب

سٽي ميئر ڪي ايم سي اسپتال پهچي او پي ڊي ۾ عام شهرين وانگر پنهنجو طبي معائنو ڪرايو

شهر ۾ قائم ادارن کي عوامي خدمت جو حقيقي مرڪز بڻائڻ اسان جي ذميواري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) جي اسپينسر آءِ اسپتال جو دورو ڪيو ۽ عام شهري وانگر او پي ڊي جو باقاعده طريقو اختيار ڪندي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي کاتي ۾ نئين اي پورٽل جو افتتاح

وڏي وزير جي خاص مددگار محمد علي راشد، سيڪريٽري ذوالفقار علي نظاماڻي ۽ ٻين افتتاح ڪيو

پورٽل ذريعي شهري مختلف سرڪاري خدمتن تائين آسان ۽ مؤثر انداز ۾ رسائي حاصل ڪري سگهندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي کاتي سمورن صوبائي کاتن لاءِ تيار ڪيل پنهنجي نئين اي-پورٽل جو افتتاح ڪري ڇڏيو آهي. هي ڊجيٽل گورننس جو هڪ اهم منصوبو آهي، جنهن جو مقصد ٽيڪنالاجي، شفافيت ۽ عوام دوست سهولتن وسيلي سرڪاري

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ٿرپارڪر ۾ تشدد جو نشانو بڻيل اٺڻي جي حالت سڌري رهي آهي: ڪاظم جتوئي

اٺڻي هاڻي ڪنهن خاص ڏکيائي کان سواءِ ٻيهڻ، هلڻ، کائڻ ۽ پيئڻ جي قابل آهي

پوليس ڪيس نمبر ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ڪري ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو آهي: وڏي وزير کي آگاهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) لائيوسٽاڪ کاتي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي آگاهه ڪيو آهي ته طبي علاج ڪانپوءِ ٿرپارڪر ۾ وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻيل اٺڻي جي حالت سڌري وئي آهي ۽ اٺڻي هاڻي ڪنهن خاص ڏکيائي کان سواءِ ٻيهڻ هلڻ، کائڻ ۽ پيئڻ جي قابل آهي سنڌ جي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ريڊ زون ۾ قائم موبائل مارڪيٽ مان 40 لکن کان وڌيڪ ماليت جا موبائل فون

سنڌ اسيمبلي ويجهو قائم مارڪيٽ ۾ 5 هٿياربندن زور زبردستي ڪميونيڪيشن جي عملي کان ڦرلٽ ڪئي

حساس علائقي ۾ اهڙي وارادات قانون لاڳو ڪندڙ ادارن لاءِ سواليا نشان آهي: بيوپاري اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي ويجهو ريڊ زون واري علائقي ۾ ڦرجي وڃي ڦر ڪيا ويا. ذريعن موجب پنج هٿياربند جوابدار ڪن موٽرسائيڪلن تي سوار ٿي آيا ۽ زور زبردستي ڪميونيڪيشن جي عملي کان ٻه وارادات دوران موبائل مارڪيٽ مان 40 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جا 55 موبائل فون

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

عوام کي بروقت ۽ مؤثر انصاف جي فراهمي سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: ضياءُ لنجار

اجلاس ۾ پوليس ۽ پراسيڪيوشن وچ ۾ قبل از ٽرائل هم آهنگي بابت تفصيلي غور ۽ ويچار ڪيو ويو

عدالتن ۾ التوا هيٺ ڪيسن جي جلد فيصلن لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ انتظاميا سان رابطو ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وزير قانون داخله ۽ پارلياماني امور ضياءُ الحسن لنجار جي صدارت هيٺ سنڌ اسيمبلي ۾ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس ۾ پوليس ۽ پراسيڪيوشن وچ ۾ قبل از ٽرائل هم

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ٽنڊو محمد خان ۾ نوجوان ڦاهو کائي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو

ٽالپر ڪالوني ۾ 23 ورهين جو منير بروهي گهر اندر ڦاهو اپگهات ڪيو

لاش سول اسپتال منتقل، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان شهر جي ٽالپر ڪالوني ۾ 23 ورهين جو نوجوان منير پٽ عبدالرزاق بروهي مبينا طور گهر اندر ڦاهو کائي اپگهات ڪري ڇڏيو واقعي جو اطلاع ٽنڊو محمد خان پوليس کي ڏنو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال اسپتال ۾ مريضن کان سهولتن بابت پڇا ڪري رهيو آهي

مظفر آباد ويجهو پاڪ فوج جو ايم آءِ 17 هيليڪاپٽر ڪري تباهه، سمورا اهلڪار شهيد

پاڪستان آرمي ايوي ايشن جو ايم آءِ-17 هيلي ڪاپٽر مظفر آباد ويجهو اڏام دوران فني خرابي سبب ڪري تباهه ٿي ويو

هيلي ڪاپٽر ۾ سوار سڀئي اهلڪار شهادت جو عظيم درجو حاصل ڪيو، حادثي ۾ ڪو به بچي نه سگهيو

آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس اسٽاف سميت پاڪ فوج جي سڀني آفيسرن ۽ جوانن قيمتي جانين جي نقصان تي ڏک جو اظهار

پاڪستان آرمي جو هڪ ايم آءِ-17 هيلي ڪاپٽر مظفر آباد ويجهو فني خرابي سبب ڪري تباهه ٿي ويو جنهن ۾ سوار سڀئي اهلڪار شهيد ٿي ويا. انٽر سروسز پبلڪ ريليشنز (آءِ ايس پي آر) پاران جاري ڪيل بيان موجب، پاڪستان آرمي ايوي ايشن جو ايم آءِ-17 هيلي ڪاپٽر مظفر آباد ويجهو اڏام دوران فني خرابي سبب ڪري تباهه ٿي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل ميمڻ پاران مظفر آباد ۾ پاڪ آرمي جي هيليڪاپٽر حادثي تي افسوس جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ مظفر آباد ۾ پاڪ آرمي جي هيليڪاپٽر سان پيش آيل حادثي تي افسوس جو اظهار

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: انمول عرف پنڪي منشيات ڪيس جي سهولتڪارن جي ضمانت واري درخواست تي فيصلو اڄ تائين ملتوي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سٽي ڪورٽ ڏڪڙ ۾ گارڊن ٿاڻي ۾ داخل منشيات هٿ اچڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي فاضل جج جي موڪل سبب ملزمن سهيل الرحمان ۽ ذيشان جي ضمانت واري درخواست تي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2



قلجي اسٽيشن: جهيڙي ۾ قتل ٿيل پيرسن جو لاش پيل آهي

گهرو وزير ٿرپارڪر ۾ اٺڻيءَ تي وحشياڻي تشدد جو نوٽيس ورتو، جوابدارن خلاف ڪارروائي جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءُ الحسن لنجار ٿرپارڪر ۾ هڪ اٺڻيءَ تي ٿيل وحشياڻي تشدد واري افسوسناڪ واقعي جو سخت نوٽيس ورتو آهي ۽ لاڳاپيل اختيارين کي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين پاران ابراهيم حيدري ٽائون چيئرمين نظير احمد پٽو جي والد جي وفات تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ابراهيم حيدري ٽائون جي چيئرمين نظير احمد پٽو جي والد محترم حاجي الله بخش پٽو جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. چيئرمين بلاول ڀٽو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: هيلٿ وارو وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال ٻهارا ڪاهو اڪبري نيازي ٽيچنگ اسپتال ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي

وقت اچي ويو آهي ته ظالم ۽ عوام دشمن حڪمرانن جو رستو روڪيو وڃي: حافظ نعيم

مهانگائي، پاڻي جو بحران، بجلي ۽ گيس جي لوڊشيڊنگ ۽ ٻيا مسئلا عوام تي مسلط ڪيل عذاب آهن

جيڪڏهن عوام کي رليف نه ڏنو ويو ته احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمن چيو آهي ته مهانگائي، پاڻي جو بحران، بجلي ۽ گيس جي لوڊشيڊنگ، ٽرانسپورٽ ۽ ٻين بنيادي مسئلن عوام تي مسلط ڪيل عذاب آهن جيڪي حڪمرانن جي نااهلي جو نتيجو آهن. اورنگي ٽائون ۽ مومن آباد ۾ ممبر

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ 35 هين نيشنل گيمز 2025 ۾ ميڊلز کٽيندڙ رانديگرن کي انعام ڏنا ويا

سنڌ جي رانديگرن ۾ مجموعي طور 2 ڪروڙ 63 لک رپيا جا ڪيش ايوارڊ ورهايا ويا

صوبائي حڪومت مستقبل ۾ به صوبي جي رانديگرن جي معاونت ۽ حوصلا افزائي جاري رکندي: منور مهيسر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت 35 هين نيشنل گيمز 2025 ڪراچي ۾ ميڊلز کٽيندڙ رانديگرن جي اعزاز ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي، جنهن ۾ رانديگرن جي شاندار ڪارڪردگي کي ساراهيندي انهن

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي ملازمن جي چارٽر آف ڊيمانڊ جي منظوري ڏئي ڇڏي

ڊي جي ڪي ڊي اي آصف جان صديقي ۽ ايمپلائيز يونين جي نمائندن

ڀلائي، ڀيڙ واري ترقي ۽ مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن: ڊائريڪٽر جنرل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه جي منظوري کان پوءِ ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي پنهنجي ملازمن جي ڀلائي ۽ انهن جي مطالبن جي تڪميل لاءِ چارٽر آف ڊيمانڊ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: هڪ بزرگ مزدور ڪم جي انتظار ۾ پنهنجن ٻارن سان گڏ فٽ پاٿ تي چانئو ۾ آرام ڪري رهيو آهي

قلجي لڳ جتوئي ۽ مري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، چار ڄڻا قتل، 6 زخمي

ڪچي واري علائقي ڪيٽي ڪيڙا ۾ ٻنهي ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙي ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ

گولين لڳڻ سبب صابر جتوئي، شاهنواز عرف شانو مري، امام الدين مري سميت چار ڄڻا مارجي ويا

وحيد مري سميت 6 ڄڻا زخمي ٿيڻ جا اطلاع، پوليس حد بند جاڻائي پنج ڪلاڪ گذرڻ باوجود نه پهتي

جتوئي برادري جي ماڻهو ڪاڏهن ٻڪريون نه ڪاڏهن مينهون چوري ڪرڻ تان پهريان به مٿهن ماري ٿي آهي: مري برادري

قلجي اسٽيشن (ن ع) قلجي اسٽيشن ويجهو ڪچي واري علائقي ڪيٽي ڪيڙا ۾ جتوئي ۽ مري برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو فائرنگ جي نتيجي ۾ صابر جتوئي شاهنواز عرف شانو مري امام الدين مري سميت چئين ڏيڻن جي مارجڻ جا اطلاع جڏهن ته وحيد مري سميت ڇهن ڏيڻن جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع ملي رهيا آهن ٿا جڏهن ته مقامي پوليس ڪيٽي پاڻ ٿاڻي جي پوليس حد جو سبب ڏيڻائي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

بقايا	1	منظوري

بجيٽ 126 ارب رپين جي ڪٽوتي ڪانپوءِ هاڻي 1000 ارب رپيا مختص ڪيو ويو آهي جڏهن ته صوبن پنهنجي ترقياتي پروگرامن لاءِ مختص بجيٽ ۾ 920 ارب رپيا گهٽ خرچ ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي ڪيترائي پيرا دير ٿيڻ ڪانپوءِ اسلام آباد ۾ ٿيل قومي اقتصادي ڪائونسل جي اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته پاڪستان کي معاشي ترقي جي رفتار تيز ڪرڻ لاءِ رعايتون متعارف ڪرائڻيون پونديون هن چيو ته پاڪستان ميڪرو اڪنامڪ استحڪام ته حاصل ڪري ورتو آهي پر هاڻي ترقي جي رفتار کي هٿي ڏيڻ ضروري آهي ته جيئن روزگار جا موقعا پيدا ٿين پيداوار وڌي ۽ برآمدات ۾ اضافو ٿئي وزيراعظم چيو ته هن وقت خطي ۾ جاري بحران باوجود پاڪستان آءِ ايم ايف جي شرطن تي عملدرآمد ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو آهي اجلاس ۾ جي وڏي وزير مراد علي شاهه خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير سهيل آفريدي ۽ بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي شرڪت ڪئي. پر پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز بيماري سبب اجلاس ۾ شرڪت نه ڪري سگهي.

بقايا	2	مارجي ويا

”ايڪس“ تي پنهنجي هڪ پوسٽ ۾ ٻڌايو ته پاڪستان ۾ تازن دهشتگرد حملن جنهن ۾ 9 جون 2026 ع تي موسيٰ دره ۾ فيڊرل ڪانسٽيبلري جي چوڪي تي حملو 2 جون ...

آفيسرن ۽ جوانن جي پوئتن سان تعزيت جو اظهار ڪيو آهي هڪ بيان ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته جي جهوريندڙ حادثي تي پوري قوم سوڳوار آهي. وطن جي بهادر سپوتن جون خدمتون ۽ قربانيون سدائين ياد رکيون وينديون هن چيو ته پوري قوم ڏک جي هن گهڙي ۾ شهيدن جي گهر ڀاتين سان گڏ ۽ سندن غم ۾ برابر جي شريڪ آهي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ دعا ڪئي ته الله تعاليٰ شهيدن جا درجات بلند ڪري.

بقايا	8	ملتوي

محفوظ ڪيل فيصلو اڄ تائين ملتوي ڪيو ويو ملزمن جي وڪيل عدالت ۾ موقف اختيار ڪيو ته سندن موڪلن جو ڪيس جي مرڪزي ملزم انمول عرف پنڪي جي مبينا عمل سان ڪو به تعلق ناهي جڏهن ته پوليس موجب ملزمن خلاف ڪيس ۾ ڪافي ثبوت موجود آهن ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي ٻئي پاسي سٽي ڪورٽ ۾ جوڊيشل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت ۾ به ساڳئي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي جتي پوليس طرفان نئين رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪئي وئي پوليس رپورٽ موجب انمول عرف پنڪي کي 12 مئي تي گرفتار ڪيو ويو هو جڏهن ته ان سان گڏ ڪن سهولتڪارن کي به حراست ۾ ورتو ويو هو رپورٽ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته ڪيس ۾ ست ويجها ساٿي اڃا تائين مفرور آهن جن ۾ به عورتون به شامل آهن مفرور ملزمن ۾ فياض، عاقب، حمزه، اعزاز، زيل، صابره ۽ اينا ...

بقايا	42	منتقل

ٽراما سينٽر منتقل ڪري ڇڏيو ان موقعي تي سنڌ جي نياڻي خوشبو سمون ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام لڳائيندي چيو ته مڙس اقرار سمون، ڏير ابرار ۽ سهرو ڪامران سمون جڳهه جي ڏاڪڻ تان ڌڪو ڏئي مارڻ جي ڪوشش ڪئي نياڻي ٻڌايو ته مڙس ڪم ڪار تي ويندو آهي ته گهرڀاتي غلط ڪم ڪرڻ لاءِ زور ڀري تشدد ڪندا هئا، متاثر نياڻي خوشبو سمون چيف جسٽس آف ...

بقايا	38	معاهدو

محمد عمرالڪاف ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته سعودي پروگرام توانائي جي شعبي جي سهڪار ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪيترن ئي سالن کان مداخلت ڪري رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته بجلي جو بحران گڏيل ڪيترن ئي سالن کان سمورن صوبن ۾ مسلسل جاري آهي يمن جي بجلي ۽ توانائي واري وزارت اعلان ڪيو آهي ته هن سعودي عرب سان هم آهنگ ذريعي ٻارڻ ...

ٿي ويا آهن جنهن بعد پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد تدفين ڪري واپس ڳوٺ تي حاضر ٿي ڪيس داخل ڪرايو آهي جامشورو اي سيڪشن پوليس جاڻايل جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪندي قلم 302 / 404 / 452 / 34 / ppcتحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدارن جي گرفتاري ناهي ٿي سگهي ۽ جوابدار ڏر گهر خالي ڪري فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

PAKISTAN AIRPORTS AUTHORITY
پاڪستان ايئرپورٹس اتھارٹی
PAA

تصحیح

اظہارِدلچسپی (EOI)

تجارتی رعایت - اورا مسافر تجربہ اقدام
اورا - ایئرپورٹ صارف تفریح و کشش
”کنسیپچولائزیشن،ڈیزائن،انسٹالیشن،آپریشن اورمینٹیننس آف کنٹرولڈ پیسنجر لیژر اینڈ ریکریشن اٹریکشنز“

1. بحوالہ اشتہار جو 04 جون 2026ء کو شائع ہوا۔
2. شائع شدہ اشتہار فوری طور پر واپس لے لیا گیا ہے۔

ڈائریکٹر کمرشل اینڈ اسٹیٹس
ہیڈکوارٹرز پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی (HQPAA)، ٹرمینل-I، جناح انٹرنیشنل ایئرپورٹ، کراچی
ویب سائٹ: www.paa.gov.pk
ٹیلیفون: 021-99242531
عزم استحکام
PID(K)3790/25
www.paa.gov.pk

سنڌ حڪومت
ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ
ڊائريڪٽوريٽ آف مانيٽرنگ اينڊ ايوالوايشن
فار ڪاليجز، سنڌ ايٽ ڪراچي

NO: - D (M & E) / 100 /2026 — Dated. 10 June, 2026

خالي آساميون

ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ، سنڌ حڪومت جي ڊائريڪٽوريٽ آف مانيٽرنگ اينڊ ايوالوايشن فار ڪاليجز سنڌ ايٽ ڪراچي ۾ هيٺين آسامين تي ڀرتيءَ لاءِ سنڌ صوبي جو ڊوميسائل رکندڙ اهل اميدوارن کان درخواستون گهربل آهن.

شمار نمبر	پوسٽ جو نالو	بي پي ايس	آسامين جو تعداد	عمر جي حد	قابليت ۽ تجربو
1	جونيئر اسڪيل اسٽينوگرافر	14	01	21-28سال	i. ڪنهن به HEC مان منظور ٿيل يونيورسٽي مان گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن يا ان جي برابر CGPA سان بيچلر ڊگري. ii. سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن (SBTE) مان منظور ٿيل ڪنهن اداري مان شارٽ هينڊ ۽ انگلش ٽائيپنگ ۾ ڇهن (06) مهينن جو سرٽيفڪيٽ. iii. شارٽ هينڊ ۾ 120 لفظ في منٽ ۽ ڪمپيوٽر تي انگلش ٽائيپنگ ۾ 35 لفظ في منٽ جي رفتار هجڻ گهرجي. iv. سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن (SBTE) مان منظور ٿيل ڪنهن اداري مان MS Office جو سرٽيفڪيٽ هجڻ گهرجي.
2	ڊيٽا انپٽ آپريٽر	12	03	21-28سال	i. ڪنهن HEC مان منظور ٿيل يونيورسٽي مان گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن ۾ گريجوئيٽ سان گڏ SBTE / STEVTA مان منظور ٿيل ڪنهن به اداري مان ڪمپيوٽر سائنس / IT ۾ ڊپلوما. (يا) ii. ڪنهن HEC مان منظور ٿيل يونيورسٽي مان ڪمپيوٽر سائنس / I.T ۾ گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن يا ان جي برابر CGPA سان بيچلر ڊگري.
3	جونيئر ڪلارڪ	11	01	21-28سال	i. هائر ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) مان منظور ٿيل ڪنهن به يونيورسٽي مان گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن ۾ گريجوئيٽ. ii. سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن / ٽريڊ ٽيسٽنگ بورڊ مان منظور ٿيل ڪنهن اداري مان MS Office ۾ ڇهن (06) مهينن جو سرٽيفڪيٽ ڪورس.

اهليت جو معيار

1. درخواستون هن اشتهار جي اشاعت جي پندرهن (15) ڏينهن اندر جمع ڪرائڻيون پونديون.
2. اميدوارن کي سکر IBA ٽيسٽنگ سروس (STS) پاران ورتل گريجوئيشن ڪيٽيگري جو جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ گهٽ ۾ گهٽ 40% مارڪن سان ڪاميابي سان پاس ڪيل هجڻ گهرجي، ۽ STS پاران جاري ڪيل لاڳاپيل سرٽيفڪيٽ هجڻ گهرجي.
3. اميدوارن جي عمر جو حساب سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ (SGA&CD) پاران جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ جي اشتهار لاءِ درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان ڪيو ويندو (جيئن صوبائي ڪابينا ۾ فيصلو ڪيو ويو آهي). عمر جي مٿين حد ۾ رعايت سروسز، جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ جي نوٽيفڪيشن نمبر SOII(SGA&CD)5-64/2011 (Part-II) ڪراچي، تاريخ 02 ڊسمبر، 2025 جي تحت هيٺين ريت هوندي: ـ

- انهن اميدوارن لاءِ جن سنڌ سول سرونٽس رولز، 2024 (تاريخ 16 آڪٽوبر 2024) جي نفاذ کان اڳ ٽيسٽ لاءِ درخواست ڏني هئي: ـ

سيريل نمبر	ڪيٽيگري	درخواستون گهرائڻ جي آخري تاريخ	عام عمر جي رعايت	عمر جو حساب
01	گريجوئيشن (ٽيهربون مرحلو)	30 نومبر 2021 (اصل آخري تاريخ 2021-11-30 هئي جنهن ۾ 2022-06-28 تائين واڌ ڪئي وئي هئي)	پندرهن (15) سال	درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ يعني 2021-11-30 کان لاڳو ٿيندو

- انهن اميدوارن لاءِ جن سنڌ سول سرونٽ (عمر جي مٿين حد ۾ رعايت) رولز 2024 (تاريخ: 16 آڪٽوبر 2024) جي نفاذ کان اڳ ٽيسٽ لاءِ درخواست ڏني هئي.

سيريل نمبر	ڪيٽيگري	درخواستون گهرائڻ جي آخري تاريخ	عام عمر جي رعايت	عمر جو حساب
01	گريجوئيشن (ٻيون مرحلو)	12 مئي 2025	ٽيسٽ لاءِ درخواست جمع ڪرائڻ جي تاريخ کان پنج (05) سال	درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ يعني 2025-05-12 کان لاڳو ٿيندو

4. اهي درخواستگذار جيڪي اڳ ۾ ئي سرڪاري ملازمت ۾ آهن، اهي درخواست جمع ڪرائڻ کان اڳ پنهنجي کاتي مان NOC حاصل ڪن ۽ انٽرويو جي وقت ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي جي سامهون جمع ڪرائڻ لاءِ NOC جي اصل ڪاپي گڏ کڻي اچن.
5. ڀرتي سنڌ حڪومت پاران 26.04.2023 تي نوٽيفاءِ ڪيل پاليسي ۽ سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ 1973 ۽ ان جي رولز جي شقن تحت ڪئي ويندي، جنهن ۾ وقت بوقت ترميمون ڪيون وينديون آهن.
6. شروعاتي مقرري لاءِ مخصوص ڪيل ڪوٽا جي حصي تي سنڌ حڪومت جي قانوني رولز/پاليسي موجب سختي سان عمل ڪيو ويندو.
7. اميدوارن کي جاب پورٽل تي اپلوڊ ڪيل شيڊول موجب ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي جي سامهون انٽرويو لاءِ گهرايو ويندو.
8. اميدوارن کي انٽرويو جي وقت اصل دستاويز گڏ آڻڻا پوندا.
9. انٽرويو ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ ڪو به TA/DA قابل قبول نه هوندو.
10. صرف شارٽ لسٽ ٿيل اميدوارن کي انٽرويو لاءِ گهرايو ويندو.

درخواست ڪيئن ڏجي؟
اهل اميدوار سنڌ حڪومت جي سرڪاري جاب پورٽل https://sjp.gos.pk ذريعي آن لائن درخواست ڏئي سگهن ٿا:

ڊائريڪٽر
مانيٽرنگ اينڊ ايوليوشنيشن
ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ
سنڌ حڪومت

I WORK FOR SINDH — JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT — INF/KRY/2379/2026

PROCLAMATION / ADVERTISEMENT

It is hereby informed that accused person namely: **Mehtab Ali s/o Muhammad Aslam Khokhar bearing CNIC No. 45304-4604182-5 r/o Village Muhammad Hassan Khokhar, Naushehro Feroze** has been declared an absconder in case FIR No. 14/2025 registered at FIA Composite Circle, Shaheed Benazirabad. The accused has deliberately evaded appearance before the Honourable Special Court (Offences in Banks) Sindh at Karachi, upon which the concerned Court has issued a proclamation under Section 87 Cr.P.C.

It is further notified that if anyone has any information regarding the whereabouts of the above-named accused, the same may kindly be communicated to FIA Composite Circle, Shaheed Benazirabad, at **Phone No. 0244-9370040** so that accused person may be arrested, and produced before the concerned court.



(Federal Investigation Agency)
FIA Composite Circle Shaheed Benazirabad
PID (H) 432/2025

آفس آف دي اسسٹنٹ ڪمشنر تعلقہ ميرپورساڪرو

نوٽيس عام اطلاع

1. جيئن تہ سنڌ صوبي جي حڪن جي رکڙ‌ءِ جي آخري پيرو تصحيح، تصديق 1985-86 دوران سنڌ لينڊ ريونيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 تحت ڪئي وئي ان کانپوءِ ڪا بہ سرڳمي نہ ڪئي وئي آهي
2. درستگي ڪي يقيني بنائڻ سالميت برقرار رکڻ جو رکڙ‌ءِ درست ڪرڻ، زمين جي رکڙ‌ءِ کي ڊجيٽل ڪرڻ جي مقصدن سان بورڊ آف ريونيو سنڌ 28 فيبروري 2025 جي پنهنجي مڪمل بورڊ جي اجلاس ۾ صوبي ۽ زمين جي رکڙ‌ءِ جي هڪ خاص نظرثاني (ٻيهر لکڻ) جو فيصلو ڪيو آهي، جنهن جي شروعات ديهہ ڪروجاڪير تعلقي ميرپورساڪرو ضلعو نئين ۽ پن ٽي رهي آهي
3. اهڙي طرح بورڊ آف ريونيو سنڌ حڪن جي رکڙ‌ءِ کي هڪ مضبوط ۽ معياري رکڙ‌ءِ کي يقيني بنائڻ ۽ ان کي ڪمپيوٽر ٽيڪنالوجي جي ذريعي آسان بنائڻ جي لاءِ هڪ خاص نظر ثاني (ٻيهر لکڻ) جي سرڳمي شروع ڪئي وئي آهي
4. تنهن ڪري سنڌ لينڊ ريونيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 پاڻ ڏانهن اختيارن کي استعمال ڪندي بورڊ آف ريونيو سنڌ حيدرآباد تاريخ 28 فيبروري 2025 نمبر____حڪر ڏنو آهي ۽ هدايت ڪئي آهي تہ ديهہ جاڪير/ريينٽي تعلقي ميرپورساڪرو، ضلعو نئين جي حوالي سان حڪن جي رکڙ‌ءِ ۽ هڪ خاص نظرثاني (تصحيح ۽ تصديق) ڪئي وڃي
5. حڪم هيٺ تصديق ۽ تصحيح ٿيل رکڙ سنڌ ريونيو ايڪٽ 1976 جي سيڪشن 42 جي ذيلي سيڪشن (11) (12) ۽ (13) جي تحت مقرر ڪيل ترتيبڪار جي فريم ورڪ لاڳاپيل مختيارڪار ۽ پهرين گريڊ جي لاڳاپيل اسسٹنٹ ڪمشنر طرفان صحيح طور تي تصديق ٿيل هوندو
6. مٿيون حوالي مطابق هيٺ ديهہ تعلقي ميرپورساڪرو ضلعو نئين جي ڪاپيدارن تا نالا سروي نمبر ۽ انهن جي ايراضيءَ ڏجي ٿي ڪنهن بہ ملڪيت، سروي نمبر، ايراضي يا بئي ڪنهن گالهہ تي اعتراض هجي تہ اسسٹنٹ ڪمشنر تعلقي ميرپورساڪرو جي آفيس ۾ 15 ڏينهن اندر اعتراض داخل ڪرائيندا بئي صورت ۾ مني جائيل رکڙ واسطيدار جي نالي سان پيهر لکيو (ري رائيٽنگ) ڪيو ويندو.

ديهہ ڪروجاڪير/ريينٽي، تعلقو ميرپورساڪرو، ضلعو نئو

سيريل نمبر	کاتيدار جو نالو	حصو	سروي نمبر	ايراضي	انٽري نمبر	ريمارڪس
01	ممتاز علي ولد الهڏايو بشير ولد الهڏايو پيراڻي زال غلام حيدر غلام حيدر ولد محمد اسماعيل نور علي ولد ولد محمد اسماعيل الهڏايو ولد محمد اسماعيل محمد يوسف ولد محمد اسماعيل زليخان ولد محمد اسماعيل پهل ولد محمد اسماعيل بيگي زال عبدالغفور نور محمد اسماعيل ابراهيم ولد ولد محمد اسماعيل نور جهان ڏئ محمد اسماعيل بڏو ڏئ محمد اسماعيل ساران ڏئ محمد اسماعيل ڪڙو ڏئ محمد اسماعيل شهيران ڏئ قادر بشران ڏئ قادر شاهده ڏئ قادر قادر ولد محمد حسن عزيز ولد عثمان خير محمد ولد عثمان احمد علي ولد عثمان محمد رحيم ولد عثمان حوا ڏئ عثمان هاشم ولد عثمان بچي ڏئ عثمان سڪرم ولد عثمان صيد علي ولد هاشم شبير احمد ولد هاشم اسڪرم ولد هاشم عثمان ولد هاشم اصف ولد هاشم زليخان زال هاشم امنت ڏئ هاشم خيري ڏئ هاشم نعمت ڏئ هاشم شهبان ولد هاشم		17-4-2 18-1-25 19-5-12 148-3-21 152-3-8 20-4-11 21-5-25 16-4-22 149-4-36 151-5-14 153-2-15 157-3-14 158-4-8 13-2-11 12-5-00 11-2-14 155-1-3 156-4-30 154-5-21 167-4-00 10-5-00	1-26	169 11-05-2026 168 11-05-2026 168 11-05-2026 168 11-05-2026	
02	رمضان ولد خميسو ڪاٽيار 41406-3889717-3 رمضان ولد خميسو ڪاٽيار صوڻ ولد محمد صالح ڪاٽيار 41406-2753220-1		26-5-27 27-3-35 28-5-13 29-5-00 30-2-31 31-3-34 32-3-15 92-1-1 93-1-12 94-1-6 95-2-29 09-7-16	2-00 1-00 3-8	167 24-06-2026 166 24-04-2026 156 12-09-2025	
03	محمد عاشر ولد محمد عارف 42301-4510903-9		462-35	3-00	165 10-04-2026	
04	محمد عدنان ولد محمد عارف 42301-5286701-9			0-36	164 10-04-2026	
05	محمد بلال جمده ولد ابراهيم جنده 42301-0151176-7		149-6 ڪلاس نمبر	4-20	163 10-03-2026	
06	شاهد احمد ولد نور محمد ميمڻ 41406-0801960-9	حصہ باقي ہے	149-6 ڪلاس نمبر	0-25 0-15 1-00	162	
07	محمد صديق ولد عمر حاجي محمد علي ولد عمر بخڙو نواز علي ولد عمر بخڙو عثمان ولد عمر بخڙو سمات عجب ڏئ عمر زال محمد حنيف		87 ڪلاس نمبر	6-22	161 27-11-2025	
08	محمد جنيد ولد عمر الدين 42301-6269765-7		93-8-32 ڪلاس نمبر	6-18-00	160 27-11-2025	
09	محمد حنيف ولد محمد گلزار 42201-5286984-5		93 ڪلاس نمبر	2-00	159 27-11-2025	
10	مجيب الرحمان ولد خان محمد جڏبهو 45403-9871133-7 الهبخير ولد خان محمد جڏبهو 45403-8854297-9 نجيب الرحمان ولد خان محمد جڏبهو 45403-2283128-9 حفيظ الرحمان ولد خان محمد جڏبهو 45403-1338568-7 جميل الرحمان ولد خان محمد جڏبهو 45403-7285351-5	مڪمل 0-50 0-50 مڪمل	204-5-32 205-3-16 206-3-16 207-5-33 208-5-39 209-5-32 210-4-18 211-3-25	18-7 11-31 8-3 38-10	157 11-11-2025	
11	مريم ڏئ حمزو زال ڪانڊيرو 41406-2501935-0 رسول بخش ولد عبدالله 41406-9903180-1 ذينب ڏئ عبدالله 41406-4332289-2 ذليخان ڏئ عبدالله 41406-8529687-8		87 ڪلاس نمبر 462-35	7-30	155 12-09-2025	
12	محمد حسن اقبال ولد اقبال محمد طيب 42201-0878622-7		85 ڪلاس نمبر	1-20	151 27-06-2025	
13	سيد محمد جاويد ولد سيد مزمل حسين 42101-9968400-7 سيد محمد جاويد ولد سيد مزمل حسين		13-5-30 14-5-33 31	2-28 0-12 3-00 1-14	149 20-06-2026 148 20-06-2026	
14	نور حسن ولد فيض حسن بابڙو 41406-6645304-9 نور حسن ولد فيض احمد گل حسن ولد فيض احمد 41406-2985517-7		69 4-00	4-00	73 16-06-2021	
15	كليم الله ولد مهراب خان خلجي 42501-2454809-7		105 ڪلاس نمبر 738-05	20-00	70 24-0-2021	ٹوٹل ميزان بينڪ ۾ جمع ڪروي ويو
16	محمد شاهد رفيق ولد محمد رفيق خان 42000-1614168-5 محمد شاهد رفيق ولد محمد رفيق خان	0-56 1/4	68 7-7 69 7-2	4-1 1-39 6-00	71 15-06-2021	
17	محمد شاهد رفيق ولد محمد رفيق خان 42000-1614168-5 محمد شاهد رفيق ولد محمد رفيق خان	مڪمل	66 5-3 85 نا مڪمل	5-3 35-39 41-2	71 15-06-2021	
18	ساران صديقي ولد عمران صديقي 42301-6648990-1 ساران صديقي ولد عمران صديقي	مڪمل 0-16 2/3	14-2-13 16-3-10 13-5-30 17-4-36	5-23 3-22 0-30 4-12	58 25-04-2019 56 22-11-2018	
19	گل رياض چوهان ولد غلام رسول 42301-6487437-1		87 ڪلاس نمبر 462-35	2-00	147 02-05-2025	
20	تاثير احمد ولد اقبال احمد 42201-0270604-5 توصيف احمد خان ولد اقبال احمد 42201-0270610-7 تنوير احمد خان ولد اقبال احمد 42201-0270605-7 توقير احمد خان ولد اقبال احمد 42201-0270611-1 عزيز احمد خان ولد اقبال احمد 42201-0270607-5 ظهير احمد خان ولد اقبال احمد 42201-0704063-5 فائزه خان ڏئ اقبال احمد 42201-0255536-8 فوزيه خان ڏئ اقبال احمد 42201-4891396-2		87 ڪلاس نمبر 462-35	20-38	145 02-05-2025	
21	محمد عرفان خان ولد خليل الرحمان 42101-766405-5 محمد ابراهيم خان ولد خليل الرحمان 42101-1673365-7 عنبرين فاطمہ ڏئ خليل الرحمان 42201-655762-6 انيس فاطمہ زال خليل الرحمان 42101-1625596-2 پدر النساء زال عبدالرحمان 421041-1643991-0		87 ڪلاس نمبر 462-35	20-38	1444 02-05-2025	
22	رحيم ڏنو ولد محمد اسحاق بابڙو 41406-0245515-9		106-9-24 107-7-1 108-4-1 105 ساڻ	5-6 1/2 0-21 1/2 ٹوٹل 6-28	143 09-04-2025	
23	نور محمد ولد سومار ڪاٽيار 41406-0702005-9		87 ڪلاس نمبر 462-35	14-18	142 18-03-2025	
24	عزيز احمد ولد عبدالواحد 51602-0876388-3		28-0-5 1/2 0-34 1/2	7-00	141 24-02-2025	
25	علي محمد ولد دائود بابڙو		87 ڪلاس نمبر 104.106.107.108 86.92.33	4-22 0-27 ٹوٹل 5-09	140 24-02-2025	
26	غلام عباس ولد محمد جهان 42501-5000499-9		87 ڪلاس نمبر	14-30	139 04-02-2025	
27	رحيم ڏنو ولد محمد اسحاق بابڙو 41406-0245515-9		6-20 4-36	0-20 0-19 ٹوٹل 1-21	143 04-04-2025	
28	محمد موسيٰ ولد محمد صديق 41406-3694455-3 ايوب ولد محمد صديق 41406-4193895-1 مسمات حاجو ڏئ او محمد صديق 41406-5106103-4		09-7-16 95-2-29 94-1-6 93-1-12 92-1-1 32-3-15 31-3-34 26-5-27 26-3-25	3-1 1/2	137 24-12-2024	
29	محمد نعيم ولد عبدالحبيب 42000-7896036-5		87 ڪلاس نمبر	3-00	136 28-11-2024	
30	شڪيل احمد ولد رسول بخش		105 ڪلاس نمبر	10-00	135 28-11-2024	
31	اظهر عدنان ولد جعفر علي خان 42101-7958924-7		105 ڪلاس نمبر 738-35	3-00	134 19-11-2024	
32	پيراڻي زال غلام حيدر 41406-1977533-2		13-5-30 17-4-36 14-5-33 16-6-20	1-00	132 25-10-2024	
33	ممتاز علي ولد الهڏايو 41406-6532444-7 بشير ولد الهڏايو 41406-1851375-1			0-33	133 25-10-2024	
34	محمد عدنان ولد محمد عارف 42301-8286701-9		87 ڪلاس نمبر 462-35	0-20	131 20-09-2024	
35	غلام رسول ولد محمد قاسم 41406-9926839-1 هارون ولد محمد قاسم 41406-6687925-2 مقبول احمد ولد محمد قاسم 41406-9827939-1 مجيد ولد محمد قاسم 41406-9625630-1 امنہ زال قاسم 41406-5988221-2		26-5-27 27-3-35 28-5-13 29-5-00 30-2-31 31-3-34 32-3-15 192-1 93-1-12 94-1-6	4-11	130 02-09-2024	
36	عبدالحڪيم ولد عبدالقادر 41406-3500304-3 عبداللطيف ولد عبدالقادر 41406-7240608-3 ذوالفقار علي ولد عبدالقادر 41406-1465050-9 صاحب ڏئ او عبدالقادر 41406-9596338-2 اميري ڏئ او عبدالقادر 41406-0531285-6 حوا زال عبدالقادر		87 ڪلاس نمبر 462-35	3-31	29 16-08-2024	
37	محمد علي ولد حاجي عمر بابڙو		87 ڪلاس نمبر	6-20	127 26-07-2024	
38	شفيع ولد محمد 41406-344771-1 محمد جمن ولد محمد 41406-5033068-3 رابعہ ولد محمد 41406-7350365-8 امينہ زال محمد 41406-2826012-8		26.27.28.29.30 31.32 87 ڪلاس نمبر	4-2 3/4 3-00 ٹوٹل 7-2 3/4	126 26-07-2024	
40	فضل ولد طالب 41406-1369946-7 فيضو ولد طالب 41406-5133595-3 رشيد ولد طالب 41406-239460-1 باقي ڏئ او طالب 41406-239466-1 حنيفان زال طالب بابڙو 41406-5031446-6		105 ڪلاس نمبر 738-35	11-20 3/4	122 26-06-2024	
41	ڪنول الدين ولد محمد موسيٰ 42501-1537957-7		105 ڪلاس نمبر 738-35	17-11	121 31-05-2024	
42	غلام قادر ولد محمد رمضان ڪاٽيار 41406-6766746-7		17-4-25 19-5-12 11-2-14 12-5-00 13-2-11 18-1-25 21-5-25 16-4-24 148-3-21 149-4-36 152-3-5 153-2-5 156-4-30 155-1-3 158-4-8 157-3-14 167-4-00	30-14	120 30-05-2024	
43	حسن ولد حاجو موسيٰ ولد حاجو ساران حاجو		85 ڪلاس نمبر 149-6	8-20	119 24-04-2024	
44	محمد عرفان ولد محمد الياس 42301-8396166-7 محمد عرفان ولد محمد الياس محمد عرفان ولد محمد الياس		87 ڪلاس نمبر 85 ڪلاس نمبر	7-12 1/2 2-00 5-12 1/2	118 06-02-2024 117 06-02-2024 116 06-02-2024	
45	محمد بلال ولد ابراهيم جنده 42301-0151176-7		212-5-00 213-5-1 214-5-6	15-17	114 11-09-2023	
46	ذليخان ڏئ /او حاجي محمد اسماعيل 41406-6059643-2 نور علي ولد حاجي محمد اسماعيل 41406-5049140-3 محمد يوسف ولد حاجي محمد اسماعيل 41406-0247919-1 الهورايو ولد حاجي محمد اسماعيل 41406-0247898-5 بيگي ڏئ /او حاجي محمد اسماعيل پاڻرو		13-5-30 17-4-36	3-22	113 08-09-2023	
47	امينہ زال اقبال 41406-2086530-8 ثمينہ ڏئ /او اقبال زال علي رضا بابڙو 41406-2942326-0		87 ڪلاس نمبر 462-35	2-00	112 08-09-2023	
48	پرو ابراهيم ولد قيصر فوتي		104-5-2 106-9-24 107-7-1 108-4-1	12-34	111 08-09-2023	
49	نفيسا علي زال اصغر علي 42301-0916199-8		87 ڪلاس نمبر 462-35	2-20	110 30-08-2023	
50	محمد نعيم ولد عبدالمجيد ميمڻ 42000-7896036-5		87 ڪلاس نمبر 462-35 87 ڪلاس نمبر 462-35	1-00 2-00	108 29-08-2023 102 24-09-2023	
51	سيد رياض شاه ولد سيد امجاز علي شاه فياض حسين ولد امجاز علي شاه		42-11-00	11-00	106 24-08-2023	
52	علي امجد مهر بخش ولد امجد مهر عزيز مهر بخش 42301-3102813-9		87 ڪلاس نمبر 462-35	8-00	103 25-07-2023	
53	رسول بخش ولد الهڏنو ڪاٽيار 41406-9123420-3 نبي بخش ولد الهڏنو 41406-5096580-1 محمد بخش ولد الهڏنو 41406-5236707-1 رحيم بخش ولد الهڏنو 41406-4678999-1		17-4-25 18-1-25 19-5-12 148-3-21 152-3-8 20-4-11 21-5-25 16-4-22 149-4-36 151-5-14 153-2-13 157-3-14 158-4-8 13-2-11 12-5-00 11-2-14 155-1-3 155-5-21 167-4-00 10-5-00	18-19	100 22-02-2022	
54	ظفر علي ولد فضل محمد نظاماڻي 41405-0526811-3	مڪمل	200-5-00 201-4-39 202-4-30 203-4-24	19-13	99 19-01-2023	
55	محمد نعيم ولد عبدالمجيب ميمڻ 4200-7896036-5		87 ڪلاس نمبر	7-30	97 29-12-202	
56	محمد حسان اقبال ولد اقبال طيب 42201-0878622-7		87 ڪلاس نمبر 149-6	7-30	96 29-12-2022	
57	محمد رفيق خان ولد عزيز خان 42301-5591938-1		87 ڪلاس نمبر 462-35	7-00	95 22-09-2022	
58	آفتاب احمد خان ولد حامد حسين 42201-3997478-5		87 ڪلاس نمبر 462-35	20-00	92 22-08-2022	
59	محمد اسماعيل ولد محمد ابراهيم		28-5-13 29-5-00 30-2-21	2-16 1/4	89 23-06-2022	
60	عرس ولد محمد اسماعيل بابڙو 41406-5949623-5 عرس ولد محمد اسماعيل بابڙو عرس ولد محمد اسماعيل بابڙو	0-4 4/63 0-8 8/63	105 ڪلاس نمبر 738-35 33-2-18 92-1-1<ٹوٹل> 9-19 6-4-36 104-5-2 106-9-24 107-7-11 108-1-4	11-22 0-3 1-8 ٹوٹل 12-33	85 13-04-2022	
61	محمد سرفراز عبدالمجيد ولد عبدالمجيد محمد عمر 906090-0100181-3	0-30	28-5-13 29-5-00 30-2-31	4-00	80 01-02-2022	
62	سيد نجمل آرفين ولد سيد شمس آرفين 42201-3126605-3 سيد شامل آرفين ولد سيد شمس آرفين 42201-2725734-3		87 ڪلاس نمبر	1-7 1/2	79 21-01-2022	

INF/KRY-2320/2026

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاڪولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 11 جُون 2026ع

دهشتگرديءَ جو ناسور ۽ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون

دهشتگرديءَ جي ناسور پاڪستان کي گذريل ڪن ڏهاڪن کان سياسي، سماجي ۽ معاشي طور تي سخت نقصان پهچايو آهي. ملڪ جي مختلف علائقن ۾ سيڪيورٽي فورسز، پوليس ۽ عام شهري دهشتگردن جي حملن جو نشانو بڻجندا رهيا آهن. تازو پشاور جي قبائلي سب ڊويزن حسن خيل جي علائقي موسيٰ دره ۾ فيڊرل ڪانسٽيبلري (ايف سي) جي چيڪ پوسٽ تي ٿيل حملو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته دهشتگرد عناصر اڃا تائين ملڪ جي امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن. جيتوڻيڪ سيڪيورٽي فورسز حملو ناڪام بڻائي ڇڏيو ۽ 8 دهشتگرد ماريا ويا پر 6 ايف سي اهلڪارن جي شهادت ۽ 6 زخمي ٿيڻ هڪ وڏو قومي نقصان آهي. هيءَ واقعو هڪ ڀيرو ٻيهر واضح ڪري ٿو ته پاڪستان کي دهشتگرديءَ جي خطري کي اڃا مڪمل طور ختم ٿيل نه سمجهڻ گهرجي. دهشتگرد گروهه خاص طور تي انهن علائقن کي نشانو بڻائين ٿا، جتي سيڪيورٽي ادارا قومي سلامتيءَ جي ذميوارين کي نڀائي رهيا هوندا آهن. موسيٰ دره ۾ ٿيل حملو به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جنهن جو مقصد سيڪيورٽي فورسز جو حوصلو ٽوڙڻ ۽ علائقي ۾ خوف ۽ بيچيني پيدا ڪرڻ هو. بهرحال ايف سي اهلڪارن بهادري، جرئت ۽ پيشا ورانه صلاحيت جو مظاهرو ڪندي حملو ناڪام بڻايو جنهن سان دهشتگردن جا ارادا خاڪ ۾ ملي ويا.

سيڪيورٽي فورسز جي قربانين کي قوم هميشه عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏسندي آهي. ملڪ جي دفاع ۽ امن خاطر پنهنجون جانيون قربان ڪندڙ اهلڪار حقيقت ۾ قوم جا هيرو آهن. انهن جي شهادت رڳو سندن خاندانن جو نه پر پوري قوم جو نقصان آهي. اهڙين قربانين جي بدولت ئي ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام قائم رکڻ ممڪن بڻجي ٿو. حڪومت ۽ عوام ٻنهي تي فرض عائد ٿئي ٿو ته شهيدن جي خاندانن جي مڪمل پوئيواري ڪئي وڃي ۽ انهن کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪئي وڃي. دهشتگرديءَ خلاف جنگ صرف فوجي يا سيڪيورٽي آپريشنن سان کٽي نٿي سگهجي ان لاءِ هڪ جامع قومي حڪمت عمليءَ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ سياسي قيادت، سيڪيورٽي ادارا، مذهبي عالمن، تعليمي ادارن ۽ سول سوسائٽي سڀني جو ڪردار شامل هجي. انتهاپسندي ۽ تشدد واري سوچ کي ختم ڪرڻ لاءِ تعليم، شعور ۽ سماجي ترقيءَ کي هٿي ڏيڻ ضروري آهي. جتي غربت، بيروزگاري ۽ احساس محرومي موجود هوندي، اتي انتهاپسند قوتن کي پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سازگار ماحول ملي ويندو آهي. قبائلي ضلعن ۽ سرحدي علائقن ۾ ترقياتي منصوبن کي تيز ڪرڻ به وقت جي اهم ضرورت آهي. انهن علائقن ۾ روڊن، اسڪولن، اسپتالن ۽ روزگار جي موقعن جي فراهمي سان نه رڳو عوام جو معيار زندگي بهتر ٿيندو پر دهشتگردن رستا به محدود ٿي ويندا. حڪومت کي گهرجي ته امن ۽ ترقيءَ کي گڏ کڻي هلڻ واري پاليسي اختيار ڪري، ڇو ته مستقل امن صرف طاقت سان نه پر سماجي ۽ معاشي خوشحالي سان به جڙيل هوندو آهي. ان سان گڏوگڏ، انٽيليجنس نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال وڌائڻ به ضروري آهي. دهشتگرديءَ جي واقعن کي روڪڻ لاءِ اڳواٽ معلومات ۽ بروقت ڪارروائي انتهائي اهم هوندي آهي. سيڪيورٽي ادارن وچ ۾ بهتر رابطا ۽ گڏيل حڪمت عملي دهشتگردن جي منصوبابنديءَ کي ناڪام بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.


موسيٰ دره جو واقعو اهو پيغام به ڏئي ٿو ته پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز هر قسم جي خطرن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت رکن ٿيون. دهشتگردن جو مقصد خوف پيدا ڪرڻ هوندو آهي پر قوم جي اتحاد، حوصلي ۽ سيڪيورٽي ادارن جي پيشاورانه ڪارڪردگيءَ سبب سندن سازشون ناڪام ٿينديون رهيون آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته قومي سطح تي اتحاد کي وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي ۽ دهشتگرديءَ خلاف جنگ کي ڪنهن هڪ اداري جي نه پر سڄي قوم جي گڏيل ذميواري سمجهيو وڃي. تڏهن ئي اسين پنهنجي مقصدن ۾ ڪامياب ٿي سگهون ٿا.

لطيفي لاٽ — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

هَڙَ ۾ ڪِينَ هُئُونِ، هُنئِين هُنِ نه ڇاڙهيا؛
سارو ڏِينهَن سمنڊَ تي، لهِي سِجَ وِيونِ؛
جَڏهين سائينءَ سَڀُ ڪَيونِ، تَڏهن سُٽَڙِ ٿيا سَيدُ چئي

(سُرُ سامونڊي)

ابراهيمي معاهدو: مسلمان ملڪن تي آمريڪي دٻاءُ!


اشتياق بيگ

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان گذريل ڪجهه وقت کان اسلامي ملڪن تي ’ابراهيمي معاهدي‘ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ دٻاءُ وڌڻ جا اشارا ڏسڻ ۾ آيا آهن 23 مئي تي آمريڪي صدر 8 اسلامي ملڪن جي اهم اڳواڻن سان ٽيليفونڪ رابطا ڪيا، جن ۾ سعودي عرب جو ولي عهد، گڏيل عرب امارات جو صدر، پاڪستان جو فيلڊ مارشل عاصم منير، مصر جو صدر، بحرين ۽ قطر جا امير، ترڪيءَ جو صدر ۽ اردن جو بادشاهه شامل هئا. ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته جيڪڏهن ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڪو معاهدو ٿي وڃي ته پوءِ اسلامي ملڪ به ابراهيمي معاهدي ۾ شامل ٿين ۽ اهي ملڪ جيڪي اڃا تائين اسرائيل کي تسليم نٿا ڪن اهي هن معاهدي ذريعي اسرائيل سان سفارتي ۽ واپاري لاڳاپا شروع ڪن اهو به چيو ويو ته ايران به مستقبل ۾ ان عمل جو حصو بڻجي سگهي ٿو. آمريڪي صدر جي هن اوچتي مطالبي تي اسلامي ملڪن جا سربراهه حيران ٿي ويا ۽ ڪجهه لمحن لاءِ خاموشي ڇانئجي وئي، جنهن تي ڊونلڊ ٽرمپ کي مذاق ۾ جوڳو پيو ته: ’توهان فون تي آهيو يا نه؟‘ بعد ۾ پاڪستان ۽ سعودي عرب جي پرڏيهي وزارتن طرفان آمريڪا جي هن تجويز کي مڪمل طور رد ڪيو ويو ۽ واضح ڪيو ويو ته ايران-آمريڪا معاهدو ۽ ابراهيمي معاهدو ٻه الڳ الڳ معاملا آهن. انهن کي پاڻ ۾ ملائي نٿو سگهجي ياد رهي ته ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي پهرين دور ۾ واشنگٽن ڊي سي ۾ ’ابراهيمي معاهدي‘ جي لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو جنهن جو مقصد اسلام، عيسائيت ۽ يهوديت وچ ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ ۽ فلسطين-اسرائيل تڪرار جي حل لاءِ اسلامي ملڪن کي اسرائيل سان سفارتي ۽ واپاري لاڳاپا قائم ڪرڻ تي راضي ڪرڻ هو. 15 سيپٽمبر 2020ع تي گڏيل عرب امارات ۽ بحرين وائيٽ هائوس ۾ اسرائيل سان هن معاهدي تي صحيحون ڪيون ان کان پوءِ مراڪش، سوڊان ۽ قازقستان به هن معاهدي جو حصو بڻجي ويا. آمريڪي صدر ٽرمپ پنهنجي پهرين دور ۾ ان پيشرفت کي پنهنجي وڏي سياسي ڪاميابي قرار ڏنو هو.

آمريڪا جو موقف آهي ته ’ابراهيمي معاهدو‘ وچ اوڀر ۾ امن قائم ڪرڻ، استحڪام آڻڻ ۽ معاشي تعاون کي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو معاهدي جو بنيادي مقصد اهو آهي ته وچ اوڀر جي اسلامي ملڪن ۽ اسرائيل وچ ۾ سفارتي ۽ واپاري لاڳاپن کي ٻيهر معمول تي آندو وڃي. آمريڪا جي خيال ۾ جڏهن اسرائيل ۽ اسلامي ملڪن جا لاڳاپا بهتر ٿيندا ته خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ٿيندي، سيڙپڪاريءَ ۾ واڌ ايندي، واپار کي هٿي ملندي ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ سان گڏوگڏ دفاعي شعبي ۾ به نوان موقعا پيدا ٿيندا پر ٻئي طرف جيڪي اسلامي ملڪ هن معاهدي جا مخالف آهن انهن جو موقف آهي ته هن معاهدي جو اصل مقصد اسرائيل کي خطي ۾ مڪمل سياسي قبوليت ڏيارڻ آهي ۽ فلسطين جي مسئلي کي پسمنظر ۾ ڌڪي ڇڏڻ آهي يعني ان جي اهميت گهٽائڻ آهي منهنجي نظر ۾ آمريڪي صدر جو ابراهيمي معاهدي ۾ دلچسپيءَ جو هڪ وڏو سبب وچ اوڀر ۾ پنهنجي اسٽريٽجڪ مفادن جو تحفظ آهي آمريڪا چاهي ٿو ته خطي ۾ اهڙو سياسي ۽ سيڪيورٽي اتحاد نهي جيڪو ان جي پنهنجي مفادن ۽ اتحادي ملڪن لاءِ فائديمند هجي. جو ته اسرائيل آمريڪا جو انتهائي ويجهو اتحادي آهي ان ڪري آمريڪا گهڻي عرصي کان اسرائيل جي علائقائي مقبوليت وڌائڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو آهي ابراهيمي معاهدو به اصل ۾ ان ئي پاليسيءَ جو تسلسل سمجهيو وڃي ٿو ابراهيمي معاهدو صرف هڪ سفارتي معاهدو نه آهي پر اصل ۾ وچ اوڀر جي مستقبل جي رُخ کي طئي ڪرڻ واري هڪ وڏي جيو پوليٽيڪل (جاگرافيائي ۽ سياسي) حڪمتِ عمليءَ جو حصو پڻ سمجهيو وڃي ٿو. گذريل ڪيترن سالن کان آمريڪا سعودي عرب تي به دٻاءُ وجهي رهيو آهي ته هو هن معاهدي ۾ شامل ٿئي سعودي عرب اسلامي دنيا ۾ هڪ انتهائي اهم حيثيت رکي ٿو ۽ جيڪڏهن اهو اسرائيل کي تسليم ڪري ٿو ته ان جا اثر سڄي مسلم دنيا تي پئجي سگهن ٿا. پر سعودي عرب جو واضح موقف آهي ته فلسطيني رياست جي قيام ۽ فلسطيني عوام جي جائز حقن جي تحفظ کان سواءِ اسرائيل سان مڪمل سفارتي لاڳاپا قائم ڪرڻ ممڪن نه آهي پاڪستان جو موقف به گهڻي حد تائين سعودي عرب جهڙو ئي آهي پاڪستان اهڙي ڪنهن به معاهدي ۾ شامل ٿيڻ بابت ان وقت تائين سوچي به نٿو سگهي جيستائين سعودي عرب ان ۾ شامل نه ٿئي ۽ فلسطيني عوام کي سندن حق ۽ هڪ آزاد رياست جو حق نه ملي وڃي غزه ۾ فلسطيني عوام مٿان ٿيندڙ اسرائيلي فوجي ڪارروائين ۽ انساني بحران هن معاهدي جي مستقبل تي وڏا سوال پيدا ڪري ڇڏيا آهن انهن حملن جي نتيجي ۾ هزارين فلسطيني شهيد ٿي چڪا آهن ۽ وڏي پيماني تي تباهي ٿي آهي، جنهن سبب سڄي مسلمان دنيا ۾ سخت ڪاوڙ ۽ غم جي لهر

گلگت بلتستان، پيپلز پارٽيءَ جي تاريخي واپسي..!


ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو اهو پُراعتماد بيان سڄي ملڪ جي ميڊيا ۾ نمايان طور تي سامهون آيو آهي جنهن ۾ هُن چيو آهي ته گلگت بلتستان ۾ عوام جي ووٽن جي طاقت سان پيپلز پارٽي سڀ کان وڏي سياسي جماعت بڻجي وئي آهي ۽ ايندڙ حڪومت به پيپلز پارٽي ئي ٺاهيندي. گلگت بلتستان جي اسيمبلي ۾ ڪُل 24 سيٽون آهن ۽ حڪومت ٺاهڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 13 سيٽن جي ضرورت هوندي آهي غير سرڪاري ۽ ابتدائي نتيجن موجب پيپلز پارٽي 10 سيٽون حاصل ڪري چڪي آهي جڏهن ته مسلم ليگ (ن) 6 سيٽون کٽي ٻئي نمبر تي رهي آهي باقي 7 آزاد اميدوار ڪامياب ٿيا آهن. تنهن ڪري هن وقت يقين سان توقع ڪئي سگهجي ٿي ته آهي ڪنهن پارٽي جو ساٿ ڏيندا ڪجهه سياسي تجزيه نگارن جو خيال آهي ته جيڪڏهن پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ (ن) گڏجي وڃن ته آهي آسانيءَ سان گلگت بلتستان ۾ حڪومت ٺاهي سگهن ٿا ٻئي طرف وزيراعظم شهباز شريف طرفان پيپلز پارٽيءَ کي چونڊن ۾ وڏي ڪاميابي تي مبارڪباد ڏيڻ ڪاٿيءَ اهو تاثر وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي ته پيپلز پارٽي سڀ کان وڏي پارٽي جي حيثيت سان اقتدار ۾ اچي سگهي ٿي منهنجي نظر ۾ گلگت بلتستان ۾ پيپلز پارٽي جو ٻيهر هڪ مضبوط سياسي قوت طور اڀرڻ نه رڳو پارٽي قيادت پر پارٽي جي ڪارڪنن ۽ حامين لاءِ به وڏي خوشي ۽ فخر جو سبب آهي اُئون سمجهان ٿو ته ڪيترائي آزاد چونڊيل اميدوار به سياسي حلقن کي ڏسي جلد پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪري سگهن ٿا. گلگت بلتستان پاڪستان جو هڪ انتهائي اهم علائقو آهي هتان جا اوچا جبل، خوبصورت تيريون ڏينيون ۽ برف سان ڍڪيل چوٽيون پاڪستان جي قدرتي حُسن جي سڃاڻپ سمجهيون وڃن ٿيون ان سان گڏوگڏ هتان جا رهواسي به هميشه پاڪستان سان پنهنجي محبت ۽ وفاداري جو اظهار ڪندا رهيا آهن 1947ع ۾ ورهاڱي وقت مقامي ماڻهن غير ملڪي حڪمرانيءَ خلاف جدوجهد ڪئي ۽ هن خطي کي آزاد ڪرائي پاڪستان سان شامل ٿيڻ جي راهه هموار ڪئي انهيءَ تاريخي پسمنظر سبب گلگت بلتستان جون چونڊون هميشه پاڪستان جي قومي سياست ۾ خاص اهميت رکنديون رهيون آهن

مون کي اڄ به ياد آهي ته 2009ع ۾ جڏهن پهريون ڀيرو گلگت بلتستان ۾ باقاعدي صوبي جهڙي طرز جي اسيمبلي جو نظام متعارف ڪرايو ويو ته ان وقت ٿيل چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي نمايان ڪاميابي ماڻي حڪومت ٺاهي هئي گلگت بلتستان جي سياسي تاريخ ۾ اهو دور هڪ اهم ۽ يادگار دور طور ڏٺو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته ان وقت وفاق ۾ به پيپلز پارٽي جي حڪومت هئي ۽ ان وقت جي صدر آصف علي زرداري جي قيادت هيٺ گلگت بلتستان کي خودمختياري ۽ انتظامي اختيارن جي حوالي سان ڪيترائي اهم آئيني حق ڏنا ويا هئا اهي قدم اڄ به علائقي جي سياسي تاريخ ۾ هڪ وڏي سنگ ميل طور ياد ڪيا وڃن ٿا بعد ۾ 2015ع جي چونڊن ۾ مسلم ليگ (ن) ڪاميابي حاصل ڪئي جڏهن ته 2020ع جي چونڊن ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف حڪومت ٺاهي ان ڪانپوءِ ڪجهه سياسي حلقن ۾ اهو تاثر پيدا ٿيو ته گلگت بلتستان ۾ عام طور تي اها ئي پارٽي چونڊون کٽيندي آهي جيڪا وفاق ۾ اقتدار ۾ هوندي آهي بيشڪ گلگت بلتستان ۽ وفاق پاڪستان جي وچ ۾ مضبوط، مثبت ۽ اعتماد تي ٻڌل لاڳاپا هميشه قومي مفاد جو حصو رهيا آهن ڇاڪاڻ ته علائقي جي معيشت جو وڏو دارومدار وفاقي ترقياتي فنڊن، سرڪاري نوڪرين، انفراسٽرڪچر منصوبن ۽ قومي سطح تي ٺهندڙ پاليسي سهڪار تي آهي گلگت بلتستان ۾ روڊن، پلن، بجلي، صحت ۽ تعليم سان لاڳاپيل ڪيترائي وڏا منصوبا وفاقي حڪومت جي سهڪار سان مڪمل ڪيا ويا آهن ان کان علاوه پاڪستان جو دوست پاڙيسري ملڪ چين جيڪو دنيا جي وڏين معاشي قوتن مان هڪ آهي ان جي ’بيلٽ اينڊ روڊ انيشيئيٽو‘ تحت قائم ڪيل پاڪ چين اقتصادي راهداري (سي پيڪ) کي دنيا جي اهم ترقياتي منصوبن مان هڪ سمجهيو وڃي ٿو ۽ هن وڏي منصوبي جي شروعات به گلگت بلتستان مان ئي ٿئي ٿي ان ڪري به هن علائقي جي قومي ۽ بين الاقوامي اهميت تمام گهڻي آهي هن سال جڏهن گلگت بلتستان ۾ چونڊن جو ماحول گرم ٿيو ته گهڻن سياسي تجزيه نگارن ماضي جي روايتن کي نظر ۾ رکندي مختلف اڳڪٿيون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون پر جڏهن پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چونڊ مهم لاءِ گلگت بلتستان پهتو ته سڄي علائقي ۾ هڪ نئون جوش ۽ ولولو ڏسڻ ۾ آيو پنهنجي چونڊ مهم دوران بلاول ڀٽو زرداري عوام سان سڌو رابطو ڪيو، خاص طور نوجوانن، عورتن ۽ ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن جي مسئلن کي اجاگر ڪيو ۽ ترقياتي منصوبن کي جاري رکڻ جا واعدا ڪيا خاص طور تي بلاول ڀٽو زرداري جو گلگت بلتستان جي نوجوان ولاگرز ۽ يوٽيوبرز جي گهرن تائين وڃڻ وارو عمل تمام گهڻو ساراهيو ويو هن قدم نه رڳو گلگت بلتستان جي ماڻهن جا دل کٽيا، پر سڄي ملڪ ۾ به ان کي مثبت نظر سان ڏٺو ويو ساڳي طرح آصفه ڀٽو زرداري جي چونڊ مهم ۾ شرڪت به پيپلز پارٽي لاءِ فائديمند ثابت ٿي جنهن سان پارٽي جي مهم ۾ وڌيڪ جوش پيدا ٿيو

منهنجي خيال ۾ گلگت بلتستان جا ماڻهو جيڪي پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ پڙهيل لکيل آباديءَ وارن علائقن مان شمار ٿين ٿا، هميشه کان مهمان نوازي، محبت، امن پسندي ۽ خلوص جي حوالي سان سڄي ملڪ ۾ سڃاتا وڃن ٿا دنيا جي مختلف ملڪن مان ايندڙ سياح به هتان جي ماڻهن جي سچائي، ايمانداري، محبت ڀريي رويي ۽ روايتي مهمان نوازي جا معترف آهن شايد اهو ئي سبب آهي جو هر سال هزارين سياح هن خوبصورت علائقي جو رخ ڪن ٿا. تازين چونڊن ۾ پيپلز پارٽي جي گلگت بلتستان ۾ شاندار واپسي ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿي ته هتان جي ماڻهن پيپلز پارٽي جي عوام دوست پاليسين، وفاقي سطح تي ادا ڪيل ڪردار ۽ خاص طور تي بلاول ڀٽو زرداري جي سياسي صلاحيتن تي اعتماد جو اظهار ڪيو آهي بلاول ڀٽو زرداري نه رڳو قومي سياست ۾ پنهنجي سڃاڻپ مضبوط بڻائي آهي پر پرڏيهي معاملن، پارليامينٽي سياست ۽ عوام سان سڌي رابطي ذريعي پاڻ کي هڪ سرگرم ۽ متحرڪ سياسي اڳواڻ طور به مڃرايو آهي گلگت بلتستان جي چونڊن ۾ حاصل ٿيل ڪاميابي بلاول ڀٽو زرداري جي سياسي قيادت لاءِ به هڪ اهم سنگ ميل آهي گلگت بلتستان جي عوام وڏي انگ ۾ ووٽ ڏئي جمهوري عمل ۾ حصو وٺندي اهو ثابت ڪيو آهي ته هو پنهنجي مستقبل بابت فيصلا ووٽ جي طاقت سان ڪرڻ چاهين ٿا. منهنجي نظر ۾ پيپلز پارٽي جي اها ڪاميابي رڳو هڪ چونڊ فتح نه پر عوامي اعتماد جي نئين سر تجديد پڻ آهي اها ڪاميابي ان ڳالهه جو به اظهار آهي ته ’روٽي، ڪپڙو ۽ مڪان‘ جو نعرو ڏيندڙ پيپلز پارٽي پنهنجي حامين جي نظر ۾ صرف هڪ سياسي جماعت نه پر هڪ تحريڪ، هڪ سوچ ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سياسي ورثي جي علامت آهي گلگت بلتستان جا ماڻهو پنهنجي علائقي ۾ وڌيڪ ترقي، روزگار جا موقعا، بهتر روڊ رستا ۽ بهتر بنيادي ڍانچو، سياحت جي واڌاري، تعليم ۽ صحت جون سهولتون چاهين ٿا اهي اهڙي قيادت کي ترجيح ڏين ٿا جيڪا سندن مسئلن کي قومي سطح تي پيش ڪري سگهي ۽ انهن جي حقن لاءِ آواز اٿاري سگهي هاڻي جڏهن حڪومت ٺاهڻ جو اهم ۽ ڏکيو مرحلو شروع ٿيڻ وارو آهي ته سڀني سياسي جماعتن جي ذميواري بڻجي ٿي ته اهي عوام جي فيصلي ۽ چونڊ نتيجن جو احترام ڪن اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته چونڊيل نمائندا پنهنجي سياسي وابستگين کان هٽي ڪري گلگت بلتستان جي آئيني حيثيت، پائيدار ترقي، نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ ايندڙ نسل جي روشن مستقبل لاءِ گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪن جيئن هي اهم خطو وڌيڪ ترقي ڪري سگهي ۽ هتان جي ماڻهن جون اميدون پوريون ٿي سگهن

مصنوعي ذهانت ۽ شاگردن جي سکيا


ڊاڪٽر پير سهيل سرهندي

ڪجهه سال اڳ تائين جيڪڏهن ڪنهن شاگرد کي رياضيءَ جو سوال سمجهه ۾ نه ايندو هو ته هو ڪنهن استاد، ساٿي يا ڪتاب جي مدد وٺندو هو. اڄ اهو ئي شاگرد موبائل فون تي هٿرادو ذهانت کان سوال پڇي چند سيڪنڊن ۾ جواب حاصل ڪري سگهي ٿو. بظاهر اها وڏي سهولت آهي پر هتي هڪ بنيادي سوال پيدا ٿئي ٿو ته: ڇا شاگرد واقعي سکي رهيو آهي يا رڳو تيار جواب حاصل ڪري رهيو آهي؟ هاڻي (AI) هٿرادو ذهانت يا آرٽيفيشل انٽيليجنس تعليم جي دنيا ۾ تيزيءَ سان جاءِ ٺاهي رهي آهي شاگرد ان کي مضمون سمجهڻ، ترجمو ڪرڻ، لکڻي درست ڪرڻ، امتحاني سوال تيار ڪرڻ ۽ تحقيق لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن استاد پڻ سبق جي رٿابندي ۽ تعليمي مواد جي تياريءَ ۾ ان مان مدد وٺن ٿا. مناسب استعمال سان اها ٽيڪنالاجي سکيا کي آسان، تيز ۽ وڌيڪ دلچسپ بڻائي سگهي ٿي AI جو اهم فائدو هيءُ آهي ته شاگرد ڪنهن به وقت ان کان مدد حاصل ڪري سگهي ٿو. ڪلاس ۾ سمجهه ۾ نه آيل موضوع کي ٻيهر سادي ٻوليءَ ۾ سمجهي سگهجي ٿو. هڪ ئي سوال جا مختلف مثال حاصل ڪري سگهجن ٿا ۽ شاگرد پنهنجي رفتار مطابق مشق ڪري سگهي ٿو اها سهولت خاص ڪري انهن شاگردن لاءِ فائديمند ٿي سگهي ٿي جن کي سٺن استادن، لائبريرين يا اضافي تعليمي مدد تائين مناسب رسائي حاصل ناهي سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ ڪيترائي شاگرد محدود تعليمي وسيلن باوجود اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪن ٿا جيڪڏهن انهن کي انٽرنيٽ ۽ مناسب ڊجيٽل سهولتون مهيا ڪيون وڃن ته AI کين دنيا جي وسيع علم سان ڳنڍڻ ۾ مدد ڏئي سگهي ٿي ٻولين جي ترجمي ۽ ڏکين اصطلاحن جي وضاحت سبب شاگرد اهڙو مواد به سمجهي سگهن ٿا، جيڪو اڳ سندن پهچ کان ٻاهر هو پر تصوير جو ٻيو رُخ به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي جڏهن شاگرد هر سوال جو تيار جواب وٺڻ جا عادي ٿي وڃن ٿا ته سندن سوچڻ، دليل ڏيڻ ۽ مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت متاثر ٿي سگهي ٿي مثال طور، جيڪڏهن ڪو شاگرد مضمون پڙهڻ ۽ سمجهڻ کان سواءِ سڄي اسائنمينٽ AI کان لکرائي جمع ڪرائي ٿو ته نمبر شايد ملي وڃن پر سکيا جو اصل مقصد حاصل نه ٿيندو امتحان يا اسائنمينٽ ۾ AI جي تيار ڪيل لکڻيءَ کي پنهنجو ڪم ظاهر ڪرڻ تعليمي ايمانداريءَ جي به خلاف آهي تعليمي ادارن لاءِ ضروري آهي ته هو شاگردن کي صرف پابندين بابت نه ٻڌائين پر کين اهو به سيکارين ته AI کي خيال سمجهڻ، مشق ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪم کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪيئن استعمال ڪجي؟

اهو سمجهڻ به ضروري آهي ته AI جو هر جواب صحيح نه هوندو آهي ڪڏهن اها غلط انگ اکر، اڻپوري ڄاڻ يا اهڙو حوالو ڏئي سگهي ٿي جنهن جو حقيقت ۾ ڪو وجود ئي نه هجي تنهن ڪري شاگردن کي گهرجي ته اهم معلومات جي تصديق ڪتابن، استادن ۽ معتبر علمي ذريعن کان ڪن سوال ڪرڻ جي عادت سان گڏ جواب جي جاچ ڪرڻ جي صلاحيت به جديد تعليم جو لازمي حصو بڻجڻ گهرجي شاگردن جي ذاتي معلومات ۽ رازداري پڻ اهم مسئلا آهن ٻارن جا نالا، تصويرون، اسڪول جا تفصيل يا تعليمي رڪارڊ بنا سوچ ويچار جي آن لائين اوزارن ۾ داخل ڪرڻ نقصانڪار ٿي سگهي ٿو والدين، استادن ۽ ادارن کي ان معاملي ۾ واضح رهنمائي فراهم ڪرڻ گهرجي ڊجيٽل اڻبرابري به هڪ حقيقت آهي هر شاگرد وٽ سمارٽ فون، ڪمپيوٽر يا تيز رفتار انٽرنيٽ موجود ناهي جيڪڏهن تعليم کي مڪمل طور ٽيڪنالاجيءَ سان ڳنڍيو ويو ته محدود وسيلن وارا شاگرد وڌيڪ پوئتي رهجي سگهن ٿا سنڌي ٻوليءَ ۾ معياري مواد جي کوٽ پڻ اهڙو مسئلو آهي جنهن تي حڪومت، تعليمي ادارن ۽ ٽيڪنالاجي ماهرن کي سنجيدگيءَ سان ڪم ڪرڻو پوندو هٿرادو ذهانت کي تعليم مان رد ڪرڻ مسئلي جو حل ناهي ۽ نه ئي ان تي مڪمل ڀاڙڻ عقلمندي آهي ان کي استاد، ڪتاب يا انساني سوچ جو متبادل نه پر هڪ مددگار اوزار سمجهڻ گهرجي مشين شاگرد کي جواب ڏئي سگهي ٿي پر سوال ڪرڻ جي جرئت، صحيح ۽ غلط ۾ فرق ڪرڻ جي سمجهه ۽ علم کي سماج جي ڀلائيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ جو شعور اڃا به انساني تربيت سان ئي پيدا ٿيندو تعليم جو مقصد صرف تيار جواب حاصل ڪرڻ نه پر سوچيندڙ ذميوار ۽ تخليقي انسان تيار ڪرڻ آهي تنهن ڪري اصل سوال اهو ناهي ته شاگرد AI استعمال ڪن يا نه اصل سوال هيءُ آهي ته هو ان کي ڪيتري سمجهداري، ايمانداري ۽ ذميواريءَ سان استعمال ڪن ٿا.

جتي تباهي تاريخي سڃاڻپ بڻجڻ لڳي!


قاسم خاصخيلي

ڪنهن به شهر يا علائقي جي ترقيءَ ۾ معاشي خوشحالي ۽ روزگار جا بهتر ذريعا انفراسٽرڪچر سميت محنت وڏي اهميت رکندا آهن پر اها شايد تاريخ جي ستم ظريفي ليکي ويندي ته جنهن علائقي، ڳوٺ، شهر، صوبي يا ملڪ ۾ ترقي رڳو لفظن تائين محدود هجي، عليشان جائيداد ڪم صرف ڪاغذن ۾ ئي لکيل ملندا هجن اتي جو حال ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ اهو ته هر ڪو چڱي ريت سمجهي سگهي ٿو هوندئن ته پوري ملڪ جي ڪجهه خاص علائقن کي ڇڏي ڪري، باقي ٻئي هنڌ ترقيءَ جو ذڪر پوڳ لڳندو آهي پر جتي ڪو ڪم ٿيندو ئي نه هجي ۽ اتي جا اڳواڻ وڏيون وڏيون دعوائون ڪندا رهن ته ان تي حيرت سان گڏ ڪِل به ضرور ايندي آهي سنڌ جا ڪافي اهڙا علائقا يا شهر آهن جتي ترقيءَ جو تصور ئي نٿو ڪري سگهجي پر ڪي اهڙا به شهر آهن جيڪي ڪنهن وقت ۾ عروج تي هوندا هئا، جيڪي وڌيڪ عروج ماڻڻ بجاءِ پوئتي پئجي ويا آهن ترقي ته وڃي ڪٿ ۾ پر جيڪي ٺيل شاندار ڪم هوندا هئا، سي به توجهه نه ڏيڻ ۽ سرپرستي نه ٿيڻ جي ڪري تباهه ٿي ويا. انهن ئي سڪرنڊ به سنڌ جو نه رڳو تاريخي حيثيت رکندڙ شهر آهي پر ماضيءَ جو خوبصورت ترقي يافته شهر پڻ ليکيو ويندو آهي شهر جون ويڪريون گهٽيون هونديون هيون، خوبصورت شاهي بازار، ٻن روڊن وچ ۾ نئيڙو پر سهڻو ”لطيف پارڪ“ نهيل هوندو هو جنهن ۾ ٽي ويءَ جي سهولت سان گڏ من کي ليائيندڙ پاڻيءَ جو ڦوهارو شام جي وقت پارڪ ۾ اچڻ وارن جو ٻانهون ڪولي آڌرڀاءُ ڪندو هو مين نيشنل هاءِ وي به وچ شهر ۾ هجڻ سبب هر وقت ٽريفڪ جي آمدورفت هوندي هئي ٽائون ڪاميٽيءَ پاران روزانو به ڀيرا صفائي ڪرائي ويندي هئي. پاڻيءَ جي ڇڪڪار، جانورن جي لاءِ پيئڻ جي پاڻيءَ جا حوض، رات جو اسٽريٽ لائيٽ سبب روشنيءَ جي جهرمٽ، مٺي پاڻي لاءِ واٽر سپلائي پڻ هوندي هئي جنهن سان گهر گهر صاف پاڻي پهچندو هو مطلب ته شهر ۾ هڪ قسم جي بسيلين سان گڏ احساس رکندڙ چونڊيل نمائندا ۽ آفيسر هوندا هئا پر هاڻ جڏهن پوري دنيا انٽرنيٽ سان ڳنڍجي هڪ ننڍڙو ڳوٺ بڻجي وئي آهي ۽ اڄ جيڪا ترقي ٿيڻ گهرجي ها، اڳ کان وڌيڪ بهتري ڏسڻ ۾ اچي ها پر ان جي ابتڙ سڪرنڊ جو شهر ڪيترن ئي مسئلن ۾ گهيرجي چڪو آهي جتي شعور رکندڙ ماڻهو به آهن مزاحمتي ذهن به آهن عوامي چونڊيل نمائندا به موجود آهن پر پوءِ به خبر ناهي ته جو هن شهر کي ننڍاڻڪو چلايو ويو آهي؟ هن تاريخي شهر ۽ آسپاس وارن علائقن ۾ بدامني عروج تي پهتل آهي، موٽرسائيڪلن، موبائل فونز جي ڦرڻ سميت ٻيا ڏوهه به خطرناڪ شڪل اختيار ڪري ويا آهن شهر جي تقريبن هر علائقي ۾ آئس چرس، شراب زيڊ ايڪيهه سميت هر قسم جي منشيات عام هلي رهي آهي جڏهن پاڻي ڪارو ٿي ويو آهي ٽائون پاران ماضيءَ جي لاجواب واٽر سپلائي سالن کان مڪمل طور ختم ٿي غير فعال ٿي وئي آهي مٺي پاڻيءَ لاءِ بهترين اسڪيم آٺ ڪروڙ روپين جي لاڳت سان شهر ۾ واٽر فلٽريشن پلانٽ تي ڪم ٿيو، مگر اهو فعال ٿيڻ بجاءِ رولڙي جو شڪار نظر اچي رهيو آهي ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ ۽ خاص گهٽين کان علاوه صفائيءَ جو ڪٿي به ڪو جوڳو ڪم نظر نٿو اچي، شهر مڪمل طور بدبوءِ جي حوالي ٿيل آهي گٽرن جو پاڻي روڊن تي اٿلڻ سبب ڪروڙين روپين جي لاڳت سان ٺهيل روڊ رستا اکڙي رهيا آهن هن وقت سڀ کان وڏو ۽ اهم مسئلو انڪروچمينٽ جو به آهي شهر ۾ حد دخلين جي آزار ماڻهن کي ذهني مريض بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن روڊ سان پوري پاڪستان جي ٽريفڪ هلندي هئي، اتان هاڻ پنڌ هلڻ به مشڪل ٿي ويو آهي

شهر ۾ پنجن سالن کان وڌيڪ عرصي کان گئس جي بندش، گهٽ پريشر ۽ ٽائيم کان وڌيڪ لوڊشيڊنگ سبب گهريلو عورتن سميت اسڪول ويندڙ شاگرد توڙي مزدور ۽ ملازم طبقو سخت ذڪيائين جو شڪار بڻيل آهن شهر وچ مان خوبصورت شهباز شاخ گذري ٿي ان ۾ به پنجن سالن کان پاڻيءَ بدران شهر جي گٽرن جو پاڻي وهي رهيو آهي، جنهن سبب آبادگار وقت بوقت احتجاج ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهن ان احتجاجن جي بدولت سومر واري ڏينهن شاخ ۾ ڪجهه پاڻي ڇوڙ ڪيو ويو آهي پر اهو پڇڙي تائين پهچي نه سگهيو آهي سڪرنڊ ۾ مين نيشنل هاءِ وي هجڻ ڪري هتي هڪ بهترين تعلقي اسپتال ته موجود آهي پر ان ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا به سهولت موجود ناهي، عام مريض توڙي حادثي جو شڪار ٿيل هتان بنا علاج نواب شاهه ريفر ڪيا وڃن ٿا. شهر جي واپارين پاران هفتيوار اڱر ڪري ٻنهي هفتن سان لتمار جاري آهي، جنهن سبب مزدور طبقو ٻن ويلن جي مانيءَ لاءِ پريشان آهي تعلقي جي وس وارن عملدارن پاران شهر ۾ ڪوبه چيڪ اينڊ بئلنس نظر نٿو اچي، جنهن سبب هڪ تاريخي شهر نه رڳو ڪنبرات ۾ تبديل ٿي ويو آهي پر سماجي برائين ۾ پڻ مڪمل طور گهيرجي چڪو آهي سڪرنڊ شهر هڪ طرف سنڌ جي دل سڏيو وڃي ٿو ۽ صدرِ پاڪستان آصف علي زرداريءَ جو اباڻو ضلعو نواب شاهه جو تعلقو پڻ آهي پر تباهي هن شهر جو مقدر بڻيل آهي سنڌ حڪومت کي گهرجي ته خصوصي توجهه ڏئي هتي ذميوار آفيسر مقرر ڪري سماجي برائين، چورين، ڌاڙا ۽ موٽرسائيڪلن جون ڦرون روڪرايون وڃن شهر جي صفائيءَ تي توجهه ڏنو وڃي، اسٽريٽ لائيٽ، حددخلين بجلي ۽ گئس جي بندش، رشوت خوري ۽ پاڻيءَ جي کوٽ کي ختم ڪرايو وڃي تعلقي اسپتال ۾ نون ۽ ڊاڪٽرن جي کوٽ پوري ڪري عملي جي اخلاقي تربيت ڪئي وڃي واپارين جي هڪ هٽي ختم ڪرائي واڌو اگهن تي ڪنٽرول ڪيو وڃي مٿي ڄاڻايل شهر جا اهي مسئلا آهن جيڪي عام ۽ بنيادي مسئلا آهن جيڪي فوري طور نه رڳو حل طلب آهن پر حل ٿيڻ جوڳا به آهن هتان جي چونڊيل اسيمبلي ميمبرن، خاص طور تي قومي اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر جو پڻ هن ئي شهر سان واسطو آهي سڪرنڊ جي تباهيءَ کي تاريخي سڃاڻپ بڻائڻ بدران شهر جو شاندار ماضي موٽائي ڏيڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو وڃي

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

حيدرآباد جي بلديا ۽ حرڪيمپ ڪالونيءَ ۾ بجليءَ جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جي کوٽ جو نوٽيس ورتو وڃي!


حيدرآباد جي بلديا ڪالوني ۽ حرڪيمپ ڪالونيءَ جي رهواسين اڻ اعلانيل بجلي لوڊشيڊنگ ۽ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي شديد کوٽ خلاف سخت احتجاج ڪندي اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي هتان جي رهواسين جو چوڻ آهي ته هڪ طرف سخت گرميءَ جي موسم ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بجلي بند رکي وڃي ٿي ته ٻئي طرف پيئڻ لاءِ صاف پاڻيءَ جي فراهمي نه هئڻ سبب روزمره جي زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي. هتان جي رهواسين جو وڌيڪ چوڻ آهي ته بجليءَ جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو ڪوبه مقرر شيڊول موجود نه آهي جنهن ڪري ڏينهن توڙي رات ڪنهن به وقت بجلي بند ٿي وڃي ٿي بجليءَ جي بندش سبب موجوده ڪانءُ جي اُڪ ڪنيندڙ گرميءَ ۾ عذاب واري زندگي گذاري رهيا آهيون پر ڪاروباري سرگرميون پڻ متاثر ٿي رهيون آهن شاگردن کي پڙهائيءَ ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن جڏهن ته بيمار، بزرگ ۽ ننڍڙا ٻار سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن ڪيترائي ڀيرا لاڳاپيل اختيارين کي شڪايتون ڪيون ويون آهن پر مسئلو حل ٿيڻ بدران وڌيڪ سنگين ٿيندو پيو وڃي سندن چوڻ هو ته بجليءَ جي ڏگهي بندش سبب پاڻي فراهم ڪندڙ موٽر به بند ٿي وڃن ٿا، جنهن ڪري پاڻيءَ جو بحران پيدا ٿئي ٿو ٻئي طرف علائقي ۾ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي کوٽ ڳڻتيءَ جوڳي صورتحال اختيار ڪري چڪي آهي صاف پاڻي عوام جو بنيادي حق آهي پر افسوس جو هو حرڪيمپ ۽ بلديا ڪالونيءَ جو عوام انهيءَ حق کان به محروم آهي رهواسين لاڳاپيل ادارن حيسڪو ۽ واسا انتظاميه کان مطالبو ڪيو آهي ته بلديا ڪالوني ۽ حرڪيمپ ڪالونيءَ ۾ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو فوري طور ختم ڪيو وڃي ۽ صاف پاڻيءَ جي باقاعده فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي اعليٰ اختيارين کي اپيل آهي ته عوام جي تڪليفن جو احساس ڪندي فوري طور عملي قدم کنيا وڃن ته جيئن هزارين رهواسين کي هن هٿي عذاب مان نجات ملي سگهي (بلديا ڪالوني ۽ حرڪيمپ جا رهواسي)

اڄوڪو ڏينهن ..... 11 جُون

سيد نظر علي شاهه گدائي

اڄ مشهور عالم ۽ شاعر سيد نظر علي شاهه گدائيءَ جي ولادت جو ڏينهن آهي هو 11 جون 1891ع تي قمبر شهر ۾ ڄائو ابتدائي چار درجا قمبر ۾ پڙهيو. ان بعد پڙهائي ڇڏي پنهنجي والد عنايت شاهه جي خانقاهه سنڀالڻ سان گڏ پنهنجي خانداني زمين سنڀالڻ لڳو. هو جامع مسجد قمبر جو خطيب پڻ رهيو. هو هڪ چڱو شاعر به هو سندس ڪتابن ۾ ’ديوان گدائي‘ (شعري مجموعو)، ’مرڻ بعد حياتي‘ ۽ ’عربي خطبو شريف‘ (ترجمو) شامل آهن هن 14 آگسٽ 1952ع تي وفات ڪئي

ريواچند ناٿاڻي




اڄ مشهور استاد ۽ تعليمي ماهر ريواچند ناٿاڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 11 جون 1894ع تي تعلقي ڪنڊياري جي ننڍڙي شهر هالاڻيءَ ۾ ڄائو. هن جي پيءُ جو نالو ٽانڪرام ۽ ماءُ جو نالو ٺاڪري ٻائي هو هن ابتدائي تعليم هالاڻيءَ مان حاصل ڪئي ۽ ان بعد ڪنڊياري ۾ پڙهيو اڳتي هلي ڊي جي سنڌ نيشنل ڪاليج ڪراچيءَ مان فزڪس ۾ ايم ايس سي جي سند حاصل ڪيائين هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات نارو شاهه ۾ هاءِ اسڪول جي استاد طور ڪئي ان بعد سنڌ نيشنل ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيو وطن جي ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ اجمير جا وڻ وڃي وسايائين ۽ اتي مهاتما گانڌي هاءِ اسڪول جو پرنسپال مقرر ٿيو ان بعد الهاس نگر ۾ نيشنل هاءِ اسڪول وٺلواڙيءَ ۾ رياضي ۽ فزڪس پڙهايائين هن 16 فيبروري 1970ع تي هيءُ جهان ڇڏيو

غوث محمد گوهر پيرزادو



اڄ مشهور اديب ۽ علم دوست شخصيت غوث محمد گوهر پيرزادي جي جنم جو ڏينهن آهي هو يارهين جون 1935ع تي تعلقي محراب پور جي ڳوٺ ڪونڊڙي ڪبير ۾ محمد صديق پيرزادي جي گهر ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ان بعد ڪنڊياري ۽ هالاڻيءَ جي اسڪولن ۾ مئٽرڪ تائين پڙهيو خانگي طور انگريزي، عربي ۽ فارسي پڻ پڙهيو. هن 1984ع ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ ”الڪبير اڪيڊمي“ نالي هڪ لائبريري قائم ڪئي جنهن ۾ لڳ ڀڳ 10 هزار ڪتاب موجود هئا انهيءَ لائبريءَ ۾ ساڍن ٽن سون ڪان به وڌيڪ قرآن شريف جا قلمي نسخا موجود آهن هو



پوءِ هن جو ڪٽنب ٿئين دهليءَ ۾ وڃي آباد ٿيو هن دهلي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي ۽ اوپن انٽرنيشنل يونيورسٽي سريلنڪا مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين هن هندستاني هوائي فوج ۾ نوڪري ڪئي ادبي لحاظ کان ڏسجي ته هن جي پهرين ڪهاڻي ’ڳيدي‘ 1961ع ۾ راجڌانيءَ جا ساهتڪار نالي رسالي ۾ ڇپي ان بعد هن جي شاعري ۽ ڀيون لکڻيون مختلف سنڌي ادبي رسالن ۾ شايع ٿيون، هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ ’پرواز‘ (شاعري) ۽ ’آڪيڙا آڪاس ۾‘ (ترجمو) شامل آهن هن سنڌي انگلش ڊڪشنري پراجيڪٽ تي پڻ ڪم ڪيو

شهزور علي طيباڻي



اڄ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي اڳوڻي سيڪريٽري شهزور علي طيباڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم شڪارپور ۾ 11 جون 1952ع تي ٿيو. شهزور علي هڪ ميوزولاجسٽ ۽ آرڪيالاجي ۽ سنڌي ثقافت جي ڄاڻو طور سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي هن ايم اي (اسلامي ڪلچر) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون ان بعد سريلنڪا مان ميوزولاجي ۽ آرڪيالاجي شعبن ۾ تربيت حاصل ڪئي هن ڪيترن ئي اهم عهدن تي ڪم ڪيو، جن ۾ سنڌ ٽوئرازم ڪارپوريشن جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر، سنڌ جي ثقافت کاتي ۾ پلاننگ، ڊولپمينٽ، امپليمينٽيشن ۽ اوليوشن جو ڊائريڪٽر، سنڌ پراونشيل ميوزيم جو ڊائريڪٽر، لياقت نيشنل لائبريريءَ جو ڊائريڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڊائريڪٽر، مهراڻ آرٽس ڪائونسل جو سيڪريٽري، ترقي ۽ رٿا واري شعبي جو ڊپٽي ڊائريڪٽر، سنڌ ميوزيم حيدرآباد جو ٽيڪنيڪل آفيسر ۽ ٻيا عهدا شامل آهن هو 2012ع ۾ رٽائر ٿيو هن 3 مارچ 2022ع ۾ وفات ڪئي کيس ٺٽي جي قبرستان ۾ دفنايو ويو

محمد هاشم درد انڙ

سنڌ جي هن مشهور شاعر ۽ نثر نويس محمد دائود انڙ جي گهر 11 جون 1954ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو سندس واسطو تعلقي سڪرنڊ جي ڳوٺ ناصري سان آهي هن قرآن مجيد ۽ فارسي جي


مختيار انڙ

1977ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو هن بي ايس سي تائين تعليم حاصل ڪئي آهي 1995ع کان لکڻ شروع ڪيائين. غزل ۽ وايون سندس من پسند صنفون آهن هن جي شاعري مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندي رهي آهي مرتضيٰ لغاريءَ جي گڏيل شاعريءَ جي ڪتاب ”برڪا بوند بهار جي“ ۾ به هن جي شاعري شامل آهي

سيد علي اڪبر شاهه ثاني

سيد علي اڪبر شاهه ثاني روهڙيءَ جو صوفي بزرگ هو پاڻ شاهه عنايت شهيد جي خليفي مير جان الله شاهه اول جي اولاد مان هو ۽ انهيءَ ئي درگاهه جو سجاده نشين هو سندس والد جو نالو مير جان الله شاهه ثالث هو. ڪيترائي مسلمان ۽ هندو سندس مريد هئا هو هڪ سٺو صوفي شاعر پڻ هو هن سنڌي، سرائڪي فارسي ۽ اردو ٻولين ۾ شاعري ڪئي هن بزرگ 11 جون 1923ع تي وفات ڪئي

سيٺ ڪمار ڪشنچند ٽڏاڻي




اڄ حيدرآباد جي مشهور ”بمبئي بيڪريءَ“ جي مالڪ سيٺ ڪمار ڪشنچند ٽڏاڻيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو 1938ع ڌاري حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس پيءُ ڪشنچند ٽڏاڻيءَ بمبئي بيڪريءَ جو ٻنياد 1910ع ۾ وڌو هو. سيٺ ڪمار مئٽرڪ جو امتحان سينٽ بوناوينچر هاءِ اسڪول مان پاس ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان بائلاجيءَ ۾ بي ايس سي جي سند حاصل ڪئي هن پنهنجي پيءُ سان گڏ بيڪريءَ جي ڪيڪ جا نسخا تيار ڪيا، جيڪي پنهنجي وڻندڙ ذائقي سبب سڄي ملڪ ۾ اڄ تائين مشهور آهن سيٺ ڪمار غريبن جو همدرد ڏوکي ۽ خداترس انسان هو. هو پنهنجي بيڪريءَ مان ٿيندڙ روزاني ڪمائيءَ جو ڏهون حصو هر روز غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. هن سوين مسڪين نياڻين جون شاديون ڪرايون ۽ سوين مسڪين ماڻهن جي هر مهيني مالي سهائتا ڪندو هو. هن حيدرآباد جي هلال احمر اسپتال کي دل جي چڪاس لاءِ مشينري وٺي ڏني ۽ سول اسپتال جي ديوان مشتاق وارڊ لاءِ به گهربل سامان وٺي ڏنو هن ريڊيو پاڪستان

طارق عالم ابڙو



مشهور شاعر، ليکڪ ۽ مصور طارق عالم ابڙي جو نالو سنڌي ادبي حلقي ۾ ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي هو 10 اپريل 1958ع تي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي شهر قنبر علي خان ۾ محمد عالم ابڙي جي گهر ۾ خوشيون ڪٺي آيو هن ابتدائي تعليم جاهشوري جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان ترتيبوار جامعه مليه حيدرآباد ۽ سچل سرمست آرٽس ڪاليج مان پاس ڪيائين اڳتي هلي بي اي ۽ ايم اي جون سندون به حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٽيليفون اٽينڊنٽ طور ڪئي اٽڪل هڪ سال سنڌ يونيورسٽيءَ جي سوشالاجي ڊپارٽمينٽ ۾ سيمينار انچارج طور به ڪم ڪيائين اڳتي هلي سنڌي ادبي بورڊ سان لاڳاپجي ويو هن انهيءَ بورڊ جي سيڪريٽريءَ طور به ڪم ڪيو پاڻ ٻارن جي رسالي ”گل ڦل“ ۽ ادبي رسالي ”مهراڻ“ جو ايڊيٽر پڻ رهيو هن شاعريءَ جي شروعات 1975ع ڌاري ڪئي سندس پهرين ڪهاڻي ”پاڇولي“ 1978ع ۾ شايع ٿي هن جا لکيل ڪيترائي ڊراما ريڊيو ۽ ٽيليويزن وسيلي عوام تائين پهتا هن اخبارن لاءِ ڪيترائي ڪالم پڻ لکيا. سندس لکيل ڪتابن ۾ ”رات، سانت ۽ سوچون“ (ڪهاڻيون)، ”رهجي ويل منظر“ (ناول)، ”مورن اڃا ڳات“ (شاعري)، ”لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ“ (سفرنامون) ۽ ”سڃاڻپ جي ڳولا“ (ڪهاڻيون) شامل آهن هن 11 جون 2011ع تي وفات ڪئي

ڊاڪٽر سڪندر منڌرو



اڄ مشهور سياستدان ڊاڪٽر سڪندر منڌري جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي ڊاڪٽر منڌري جو جنم 7 جولاءِ 1943ع تي ضلعي بدين تعلقي گولاڙچيءَ جي ڳوٺ منڌاري منڌري ۾ ٿيو سندس والد جو نالو ٺارو خان منڌرو هو هن ابتدائي تعليم ڳوٺ اڪري ۽ سيرانيءَ جي پرائمري اسڪولن مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائين اڳتي هلي لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز) مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪيائين بدين ۾ پنهنجي ڪلينڪ کوليائين هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت سان ڪئي ۽ سڄي عمر پارٽيءَ سان وفادار رهيو. جنرل ضياءُ الحق واري مارشل لا دوران وطن ڇڏي پهريائين آمريڪا ۾ ۽

بقايہ اشتهار اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقو ميرپور ساڪرو

63	اللہ ڏنو ولد يعقوب ٻاڙو 41406-0241037-9		95-2-29 93-80-38 ڪلاس نمبر	2-29 5-2 1/2 ٽوٽل 9-31 1/2	68 ب 10-03-2021	
64	دلاور اشرف ولد محمد اشرف 42201-7647643-7 ياور ولد محمد اشرف 42201-7775119-7		85 ڪلاس نمبر 149-6	12-11	68 ب 30-09-2020	
65	محمد آرف ولد محمد آصف حسين 42301-4613699-5		85-25-13 29-5-00 30-2-21	1-24 1/2	66 ب 10-08-2020	
66	محمد عدنان ولد محمد آرف 42301-5286701-9		87 ڪلاس نمبر 462-35	1-00	65 ب 20-07-2020	
67	شاداب احمد ولد آفتاب 42301-2711049-3		87 ڪلاس نمبر	20-00	68 ب 03-04-2019	
68	محمد صديق ولد زين العابدين 42201-0716829-1 محمد اقبال ولد زين العابدين 42201-07168447-7		87 ڪلاس نمبر	10-00	53 ب 04-02-2019	
69	حمزه ولد اصغر علی 42301-0788711-1	سڄو	87 ڪلاس نمبر 18-32	18-32	52 ب 29-01-2019	
70	لال محمد ولد سومار 42501-17886719-5		92.28.29.30.31 32.93.94.95.26.27	5-00	51 ب 18-01-2018	
71	عطا محمد ولد دوست محمد قريشي 42301-4694105-5		52-4-24 53-4-00 54-4-00 55-1-19 56-2-17 57-4-00 58-5-7 59-5-00 60-5-00 61-1-21 62-3-4 63.64.65.66.67.68.69 70.71.72.73.74.75.76 78.79.80.81.82.83.84 85.86.84.88.89.90.91	153-31	13 ب 05-03-2013	
72	آدم ولد جمعون 41406-6108178-1 ڪريمہ ڌي جمعون 41406-2477923-0 پيراڻي ڌي جمعون/ آدم ولد جمعون/ڪريمہ ڌي جمعون پيراڻي ڌي جمعون		87 مان 26.27.28.29.30.31.32	23-00 28-00	11 ب 04-03-2013 01 ب 21-06-2021	
73	جام اسلم پرويز ولد جام بشير احمد 42501-4434077-9		28.29.30	4-00	05 ب	
74	قلعو ولد لعل محمد	0-4 3/8	144-100-4	4-15	58 الف	
75	يعقوب ولد محمد ٻاڙو جمع ولد يوسف ٻاڙو الھڏنو ولد عرس	سڄو	87 ڪلاس نمبر	7-00	51 الف 15 -05-2012	
76	جمع ولد يوسف ٻاڙو علي احمد ولد اصغر شاه سليم ولد اصغر شاه	سڄو سڄو	87 ڪلاس نمبر 105 ڪلاس نمبر	24-2 1/2 92-14	50 الف 15 -05-2012	
77	محمد رفيق ولد محمد جعفر پتافي محمد منير ولد محمد جعفر پتافي	0-6-2 1/6 0-6-2 1/6	14-5-17 15-14-26 150-6-17	6-15 6-15 ٽوٽل 12-30	48 الف 10 -05-2012	
78	عثمان ولد آدم ٻاڙو	سڄو	87 ڪلاس نمبر	6-20	38 الف 04 -05-2012	
79	اسماعيل ولد حنيف ٻاڙو محمد عمر ولد صديق ٻاڙو	0-25 0-25	100-5-21	2-30 1/2	37 الف 26-04-2012	
80	ٻچل ڌي سومار ٻاڙو ٻچل ڌي سومار ٻاڙو ٻچل ڌي سومار ٻاڙو		105 138-35 ڪلاس نمبر 100-5-21 99-0-28	11-2 2-30 1/2 0-07 ٽوٽل 13-39 1/2	32 الف 20 -04-2012	
81	محمد عثمان ولد حاجي ابراهيم ڪمبار عمر ولد سليمان ٻاڙو	0-0 1/4	105 مان	7-23	30 الف 20 -04-2012	
82	صديق ولد آدم ٻاڙو نورو ولد آدم عثمان ولد آدم محمد حنيف ولد محمد صديق ٻاڙو	سڄو	25-2-3 26-3-18 27-4-11 28-7-14	17-36	31 الف 20 -04-2012	
83	محمد عمر ولد نقي محمد ٻاڙو اسماعيل ولد الهڏنو ٻاڙو	0 11/64 0 11/64	105 738-35	2-36	29 الف 16 -04-2012	
84	آمن ولد قل ٻاڙو آمن ولد قل ٻاڙو	سڄو	101-3-9 402-4-3 134-2-29	7-72 1-14 1/2 ٽوٽل 8-26 1/2	28 الف 16 -04-2012	
85	رحمت الله ولد قادر بخش رحمت الله ولد قادر بخش	سڄو سڄو	22-2-1 23-1-27 24-1-29 144-100-20 ڪلاس نمبر	5-18 6-21 ٽوٽل 11-39	25 الف 12 -04-2012	
86	جمن ولد فقو ڪاتيار عرس ولد فقو ڪاتيار يارو ولد فقو ڪاتيار فقو ولد جمن ڪاتيار ولو ولد پنهون ڪاتيار شيرو ولد پنهون	0-0-8 0-0-8 0-0-8 0-0-8 0-0-8 0-0-8 0-4-0 آنہ 0-25	38 168-3 ڪلاس نمبر	42-3/4	24 الف 12 -0-2012	
87	امام بخش ولد رمضان ڪاتيار	0-0 19/32	105 735-35 ڪلاس نمبر	4-15	23 الف 12 -04-2012	
88	علی محمد ولد امام بخش ڪاتيار	0-0 32/64	105 735-35	5-00	22 الف 12 -04-2012	
89	صديق ولد آدم ٻاڙو نورو ولد آدم عثمان ولد آدم مسمات زرينہ ڌی آدم	0-28 4/7 0-28 4/7 0-28 4/7 0-28 2/7	1-04-3 3-6-15 4-7-29	18-34	21 الف 11 -04-2012	
90	صديق ولد آدم ٻاڙو نورو ولد آدم	0-50 0-50 سڄو	29-1-28 30-3-35	5-23	20 الف 11 -04-2012	
91	جعفر ولد آمون ٻاڙو	سڄو	11-5-7 12-5-33	11-00	19 الف 09 -03-2012	
92	حسين ولد آمون ٻاڙو	سڄو	18-5-23	5-23	18 الف 09 -03-2012	
93	محمد صديق ولد ناٿو محمد قاسم ولد ناٿو مريم ڌي ناٿو مسمات سڪينہ ڌي ناٿو حڪيمہ ڌي ناٿو عبدالغفور ولد محمد اسحاق	0-29	21-3-1	0-34	17 الف 08 -03-2012	
94	محمد صديق ولد ناٿو محمد قاسم ولد ناٿو مريم ڌي ناٿو مسمات سڪينہ ڌي ناٿو حڪيمہ ڌي ناٿو عبدالغفور ولد محمد اسحاق	0-37 1/2	10-3-20	1-19	16 الف 08 -03-2012	
95	محمد صديق ولد ناٿو محمد قاسم ولد ناٿو مريم ڌي ناٿو مسمات سڪينہ ڌي ناٿو حڪيمہ ڌي ناٿو عبدالغفور ولد محمد اسحاق	0-44	22-3-00 23-5-31 25-3-25	5-19	15 الف 08 -03-2012	
96	محمد صديق ولد ناٿو محمد قاسم ولد ناٿو حڪيمہ ڌي ناٿو عبدالغفور ولد محمد اسحاق	0-12 1/2 0-12 1/2 0-6 1/4 0-6 1/4	26-5-27 31-3-34 27-3-35 32-3-15 28-5-13 92-1-1 29-5-00 93-1-12 30-2-21 94-1-6 95-2-29 09-7-16	15-00	14 الف 08 -03-2012	
97	ڪليم الله خلجي ولد مهراب خان خلجي حاجي اسد الله ولد مهراب خان خلجي	0-1-6 0-1-6	105 738-05 105 738-05	20-00 20-00 ٽوٽل 40-00	12 الف 30 -10-2011	
98	نيڪ بخت ال مهراب خان	سڄو	105 مان 109.110.111.112 .113114.115.116. 117.118119.120. 121.122.123 124.125	5-11 1/4 80-00 ٽوٽل 85-11 1/4	11 الف 30 -10-2011	
99	روبينہ خان ڌي مهراب خان خاصخيلي مسمات حنا خان ڌي مهراب خان خاصخيلي مسمات حنا خان ڌي مهراب خان خاصخيلي مسمات مينا خان ڌي مهراب خان خاصخيلي	سڄو سڄو 0-50 سڄو	129-4-6 30-3-28 31-3-10 133-3-20 135-2-25 128-5-30 128-5-10 137-3-20 136-3-21	10-00 10-00 2-25 10-00 ٽوٽل 42-25	09 الف 30 -10-2011	
100	سراج احمد ولد عبدالله عباسي	0-25	893-36	20-09	7 الف 07 -07-2011	
101	بدر معي الدين ولد محمد اڪرم جاويد اقبال ولد محمد اڪرم شهزاد اڪرم ولد فيض معي الدين شاهنواز اڪرم ولد فيض معي الدين طيبہ شهناز ڌي فيض معي الدين محمد اڪرم ولد فيض معي الدين حميده بيگم زال فيض معي الدين هلندڙ	0-33 1/3 0-33 1/3 0-9 1/2 0-9 1/2 0-4 3/4 0-5 0-4 سڄو	64-4-00 65-5-22 66-2-11 67-4-00 68-4-28 69-4-2 70-4-00 71-4-00 72-3-11 73-4-32 74-4-00 75-4-00 76-3-31 77-4-8 78-4-00 79-2-36 80-5-10 81-4-00 82-4-00 83-4-00 84-3-19 85-3-36 86-4-00 87-3-25 88-4-00 89-2-38 90-3-30 91-4-4	110-25	5 الف 06 -04-2011	
	بدر معي الدين ولد محمد اڪرم جاويد اقبال ولد محمد اڪرم شهزاد اڪرم ولد فيض معي الدين شاهنواز اڪرم ولد فيض معي الدين طيبہ شهناز ڌي فيض معي الدين محمد اڪرم ولد فيض معي الدين حميده بيگم زال فيض معي الدين	سڄو	52-4-24 53-4-00 54-4-00 55-1-9 56-2-12 57-4-00 58-5-7 59-4-26 60-5-00 61-1-21 62-3-4 63-3-23 ٽوٽل 43-6	153-31	5 الف 06 -04-2011	
102	همايو محمد ولد چوڌري فقير محمد	سڄو	86-4-26	4-26	4 الف 18 -02-2011	
103	عادل امجد مهر بخش ولد امجد مهر بخش 42301-6727282-3	سڄو	87 ڪلاس نمبر	14-37	2 الف 10 -02-2011	

اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقہ ميرپور ساڪرو

INF-KRY/2320/26

iWORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

حڪم ڏنو تہ جيئن پاڻي جي معيار بابت حتمي رپورٽ حاصل ڪري سگهجي، ڊي سي غضنفر علي قادري چيو تہ ماحولياتي تحفظ ۽ عوامي صحت تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو برداشت نہ ڪيو ويندو هن وڌيڪ ٻڌايو تہ اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي جي سربراهي ۾ هڪ نگراني ڪميٽي قائم ڪئي ويندي، جيڪا هر هفتي ٽريٽمينٽ پلانٽ جو جائزو وٺي پنهنجي رپورٽ ضلعي انتظاميا کي پيش ڪندي.

بقايا 24 "روزاني عبرت"

خاصخيلي جي فرياد تي پيارولنڊ ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو جنهن ۾ فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج ڪنڊيارو محمد عباس سيال جي عدالت ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي عمر قيد ۽ ڏهہ لک ڏنڊ جي سزا ٻڌائي جيل موڪلي ڇڏيو آهي

اها ڪين ڏني ويندي آهي وڌيڪ ذميواري ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز ۽ بلڊنگس ڪاٽي جي آهي جنهن تي جج ڪين رپورٽ ڏيڻ جو حڪم ڪيو

بقايا 16 "روزاني عبرت"

سائيڪل سوارن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، جوابدارن مبينہ پوليس تي فائرنگ ڪندي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ جامشورو واسي ذيشان علي چنا زخمي ٿي پيو جڏهن تہ سندس بہ ساٿي اڪرم بلوچ ۽ هڪ نامعلوم اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا، پوليس موجب گرفتار جوابدار حيدرآباد ۽ جامشوري ۾ 10 ڪيسن ۾ گهربل آهي، جن ۾ موٽر سائيڪل چوري، منشيات فروشي ۽ غير قانوني هٿيار رکڻ جا ڪيس

ملوث هوندو ۽ ڪيس بخش نہ ڪيو ويندو هن چيو علائقي جي گيس صارفين تي ڪروڙين روپين جون بقايا رهيل آهن جن کي پڻ وارننگ ڏني وئي آهي

بقايا 11 "روزاني عبرت"

نتا ڏين ايڏي گرمي هجڻ جي باوجود بہ انهن کي منهنجو ۽ منهنجي ٻارن جو احساس نہ ٿو ٿئي مان مسڪين آهيان منهنجو مڙس دٻئي ۾ مزدوري ڪندو آهي هتي مان اڪيلي معصوم ٻارڙن سان گڏ وڏن هيلپن ويهي وقت گذاري رهي آهيان ۽ مان غريب آهيان ان ڪري ڪير بہ منهنجي داد رسي نہ ٿو ڪري ان موقعي تي متاثر عورت نصيبان اعلا اختيارن ۽ وس وارن کان انصاف جو مطالبو ڪندي چيو آهي تہ جيڪڏهن مون سان انصاف نہ ٿيو

ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن شاهہ لطيف آباد

نمبر: TMC/SL/G-332/2026 تاريخ: 2026 / 06 / 09

نيلاميءَ جو نوٽيس

سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2013 جي سيڪشن 96 سان گڏ پڙهيو ويندڙ شيڊيول V پارٽ_II ۽ سنڌ لوڪل ڪائونسلز (نيلامي جا ڪليڪشن حق) رولز 2016 جي فضيلت تحت، سال 27-2026 (01.07.2026 کان 30-06-2027) لاءِ ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن (TMC) شاهہ لطيف آباد جي هيٺين ٽيڪسن/فيسن جي ڪليڪشن جا حق ڏيڻ لاءِ کليل نيلامي 29-06-2026 (سومر ڏينهن) 12:00 وڳي هيڊ آفيس (اڳوڻي I&S آفيس)، يونٽ نمبر 9، لطيف آباد ۾ منعقد ڪئي ويندي. جيڪڏهن نيلامي پهرين تاريخ تي منعقد نہ ٿي سگهي، تہ ٻي ۽ ٽين تاريخ بالترتيب 30-06-2026 ۽ 01-07-2026 تي ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي هوندي.

شمار نمبر	ٽيڪي جو نالو	آفيشل آڇ	10% سيڪيورٽي
1	اشتهاري فيس (هولڊنگ بورڊز/اسٽيمرز کان علاوه)	11,035,000	1,103,500
2	صفائي سٿرائي ۽ سينيٽيشن ٽيڪس	2,598,260	259,826
3	خطرناڪ ۽ ناگوار فيسون	1,725,834	172,583
4	اليڪٽرڪ موٽرز هارس پاور فيس	655,334	65,533
5	هاري/ريڙهي وارن جي لائسنس فيس (پش ڪارٽ)	2,491,000	249,100

شرط ۽ ضابطا (نيلامي):

1. کليل نيلامي ۾ 10% سيڪيورٽي جو ڪال ڊپازٽ/پي آرڊر جمع ڪرائي حصو وٺي سگهجي ٿو وڌيڪ واڪ لڳائيندڙن کي ساڳئي ڏينهن تي باقي رقم ادا ڪرڻي پوندي.
2. نان ريفنڊايبل (واپس نہ ٿيڻ جوڳي) شروعاتي داخلا في 5,000 رپيا (روڪ رقم) آهي.
3. ڊيفالٽر (باقيدار) حصو نٿا وٺي سگهن.
4. درخواست گذارن جو FBR/SRB ۾ رجسٽرڊ هجڻ (ايڪٽو NTN گهربل) ۽ 3 سالن جا تصديق ٿيل بينڪ اسٽيٽمينٽس فراهم ڪرڻ لازمي آهي.
5. ڪامياب واڪ لڳائيندڙن کي قاعدن موجب انڪم ٽيڪس، سيلز ٽيڪس ۽ پروفيشنل ٽيڪس ادا ڪرڻو پوندو.
6. 11 پوسٽ ڊيٽيڊ چيڪ (هر مهيني جي 5 تاريخ جا لکيل) فراهم ڪرڻا پوندا.
7. جيڪڏهن هر مهيني جي 5 تاريخ کان پوءِ ماهوار قسطون/باقي رهيل رقم ادا نہ ڪئي وئي تہ پاٽمرادو منسوخي لاڳو ٿيندي.
8. چيئرمين/ڪائونسل کي رولز 2016 جي رول (3)11 تحت ڪنهن بہ يا سڀني آڇن کي رد ڪرڻ جو اختيار حاصل آهي.
9. وڌيڪ تفصيل ٽيڪسيشن آفيس مان دستياب آهن. کليل نيلامي جا شرڪت ڪندڙ ۽ ڪامياب واڪ لڳائيندڙ سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2013 (صحيح ٿيل تاريخ تائين) ۽ ان تحت ٺاهيل قاعدن تي عمل ڪرڻ جا پابند هوندا.

INF/KRY/2383/2026

ٽائون ميونسپل ڪمشنر
ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن،
شاهہ لطيف آباد، حيدرآباد.

iWORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

روزاني عبرت

CLASSIFIED ADVERTISMENT

عام اطلاع

جيئن تہ اسانجي آفيس ۾ نالي بڇو ولد بصريو آٿيلو درخواست ڏني آهي تہ سنڌس خود جي نالي زرعي زمين سروي نمبر 437/1,2,3 ڪل ايراضي 12-00 ايڪڙ ديهہ ڪيريون تعلقو شهيد فاضل راهو ۾ کاتي تي آهي جنهن جو رڪارڊ 27-12-2007 تي محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت جي واقعي ۾ مذڪوره ديهہ جو رڪارڊ پڻ سڙي ويو آهي جيڪو ٻيهر بحال ڪري ڏنو وڃي انهي سلسلي ۾ جناب سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد جن جي نوٽيفڪيشن نمبر 08/Misc/2008/Rev-1 2014/12 تاريخ 2014-21-01 موجب حڪم ڪرڻ فرمايو آهي تہ ثبوتن جي بنياد تي ٻيهر رڪارڊ جي تصديق ڪئي وڃي حڪم موجب سر زمين تي جلسہ عام ڪرڻ ڪاٿيو مٿيان وارث حقدار / ڪاتيدار ظاهر ٿيا آهن. هن اشتهار ذريعي سڀني دلچسپي رکندڙن کي آگاهہ ٿو ڪجي تہ ڪنهن کي ڪوبہ اعتراض هجي تہ ستن ڏينهن اندر جناب اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن جي آفيس ۾ پيش ڪن ٻي صورت ۾ جاٿايل ڪاتيدار جي نالي ڪاتو بحال ڪيو ويندو ۽ ڪنهن بہ ڏر جو ڪوبہ اعتراض ٻڌو نہ ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو شهيد فاضل راهو

عام اطلاع

جيئن تہ اسانجي آفيس ۾ نالي شمريز خان ولد گل زمان خان درخواست ڏني آهي تہ سنڌس خود جي نالي زرعي زمين سروي نمبر 204/1to4 ڪل ايراضي 16-00 ايڪڙ ديهہ فتح پور تعلقو شهيد فاضل راهو ۾ کاتي تي آهي جنهن جو رڪارڊ 27-12-2007 تي محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت جي واقعي ۾ مذڪوره ديهہ جو رڪارڊ پڻ سڙي ويو آهي جيڪو ٻيهر بحال ڪري ڏنو وڃي انهي سلسلي ۾ جناب سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد جن جي نوٽيفڪيشن نمبر 08/Misc/2008/Rev-1 2014/12 تاريخ 2014-21-01 موجب حڪم ڪرڻ فرمايو آهي تہ ثبوتن جي بنياد تي ٻيهر رڪارڊ جي تصديق ڪئي وڃي حڪم موجب سر زمين تي جلسہ عام ڪرڻ ڪاٿيو مٿيان وارث حقدار / ڪاتيدار ظاهر ٿيا آهن. هن اشتهار ذريعي سڀني دلچسپي رکندڙن کي آگاهہ ٿو ڪجي تہ ڪنهن کي ڪوبہ اعتراض هجي تہ ستن ڏينهن اندر جناب اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن جي آفيس ۾ پيش ڪن ٻي صورت ۾ جاٿايل ڪاتيدار جي نالي ڪاتو بحال ڪيو ويندو ۽ ڪنهن بہ ڏر جو ڪوبہ اعتراض ٻڌو نہ ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو شهيد فاضل راهو

عام اطلاع

هرخاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي تہ عرضدار نالي محمد ابراهيم ولد فتح محمد رهندڙ ڳوٺ ٽنڊو قيصر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي هيٺ ذڪر ڪيل فوتي جي سنڌس حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر 185 ايراضي 09-02 ديهہ ٽنڊو قيصر ٽپو ٽنڊو قيصر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جن جا فوتي ڪاتا سنڌس جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن. فوتڻ الله بجائي زال فتح محمد جيڪو مورخہ 17-08-2012 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث (1) فتح محمد (مڙس) (2) محمد ابراهيم (پٽ) (3) مسمات شهزادي (ڌي) (4) مسمات مهرالنساء (ڌي) (5) مسمات آمنہ (ڌي) (6) مسمات خيرالنساء (ڌي) جن جي نالي تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪو بہ جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي تہ هن اشاعت شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نہ هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهہ ٿو ڪجي تہ محبوب علي ولد محمد هاشم ناريجو بذريعہ مرحوم والد محمد هاشم ولد يوسف ناريجو سروي نمبر 397 ڪل ايراضي 09-3 شيشرڊ ايريا 20-00 گهنٽا ديهہ ناريجا ٽپو ڪهاڪهڙ هالا تعلقو ضلعو ٽنڊو جي ري ڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس لاءِ ثبوتن سميت درخواست ڏني آهي 15 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ اعتراض داخل ڪن ٻي صورت ۾ ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهہ ٿو ڪجي تہ غلام مصطفيٰ ولد احمد خاصخيلي سروي نمبر 830/1to4 ڪل ايراضي 00-16 ايڪڙ ديهہ سامڪي ٽپو هاليجي هالا تعلقو ضلعو ٽنڊو جي ري ڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس لاءِ ثبوتن سميت درخواست ڏني آهي 15 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ اعتراض داخل ڪن ٻي صورت ۾ ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو

لاتعلقي جو اظهار

جيئن تہ هر عام ۽ خاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ منهنجو پٽ صدام حسين سولنگي جيڪو غلط صحبت ۾ اچي ويو جيڪو منهنجي چوڻ آکڻ ۾ ناهي رهيو جنهن سان منهنجو توڙي منهنجي اولاد جو ڪوبہ واسطو ۽ تعلق ناهي صدام حسين جنهن سان بہ ڏيتي ليتي ڪنو فساد غلط عمل غلط قدم کڻندو ان سان منهنجو واسطو نہ هوندو ان سڀ معاملي جو ذميوار هو پنهنجو پاڻ هوندو هن جي ڪنهن بہ مسئلي ۾ اسان کي تنگ ۽ پريشان نہ ڪيو وڃي منهنجو هن سان رشتو ناتو هر قسم جو تعلق ختم آهي هن کان مڪمل طور لاتعلقي ڪريان ٿو ان ڪري هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

عبدالسميع سولنگي ولد محمد قاسم سولنگي وينل بابن شاهہ محلا شهر ۽ تعلقو ڪنڊيارو ضلعو نوشهروفيروز

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين سوٽ نمبر 75 سال 2026

طارق حسين ولد نور نبي ڪلوئي رهندڙ ڳوٺ عبدالغني ڪلوئي تعلقو نوابشاهہ...اپليڪينٽ .بخلاف .. (1) مسمات زينت بيواهہ مرحوم نور نبي (2) بيبي حسان ڌيءِ مرحوم نور نبي رهندڙ ڳوٺ عبدالغني ڪلوئي تعلقو نوابشاهہ (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ..اپوننٽس

.نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7,10,29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) عبدالسلام (2) عرفان علي (3) ريحان علي (4) Bibi Khansan جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 01-07-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

بقايا 1 "روزاني عبرت"

ٿي ويو مليل ڄاڻ موجب ٻٽي پاءِ بعيلي ذريعي سڃي جهلي رهيا هوا جي لوڏي سبب ٻيڙي اونڌي ٿي پئي واقعو چوڪيارين ديمہ ۾ هنيرو نالي هنڌ پيش آيو فوتي جو مڙهہ گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

بقايا 2 "روزاني عبرت"

نشانو بڻائيندي سندن هڪ 12 سالن جي ننڍڙي نياڻي رخسانہ کي بہ گم ڪري ڇڏيو آهي جنهن جو اڃا تائين ڪو پتو ناهي پئجي سگهيو هن چيو تہ اسان انصاف لاءِ ڊي آئي جي لاڙڪاڻو جي آفيس جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون پر ڪٿان بہ داد ناهي ٿيو متاثر پيرسن عورت مقامي پوليس تي سخت الزام مڙهيندي چيو تہ پوليس جوابدارن جي گرفتاري لاءِ اسان کان پئسا (رشوت) گهري رهي آهي اسان انتهائي غريب آهيون پوليس کي پئسا ڪٿان ڏيون

بقايا 3 "روزاني عبرت"

ڪپرو ويجهو چوٽياريون ڊيم ۾ ٻه ٻائر ٻڏي ويا، هڪ کي بچايو ويو، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ ٻقار واسي 7 ورهين جو فيضان ۽ محمد علي ولد عرض محمد ٻيڙي اونڌي ٿيڻ سبب ٻڏي ويا

موجود ملاحن محمد علي کي بچائي ورتو، فيضان جو لاش هٿ ڪري وارثن حوالي ڪيو ويو

ڪپرو (ن ع) چوٽياريون ڊيم ۾ مڇي جو شڪار ڪندي ٻيڙي اونڌ جنهن جي نتيجي ۾ ٻيڙي ۾ سوار ٻه ٻائر ڳوٺ ٻقار واسي ست ورهين جو فيضان ۽ محمد علي ولد عرض محمد ٻڏي ويا ڊيم ۾ موجود ملاحن هڪ جهٽي محمد علي کي پاڻي ۾ ڪيڏي بچائي ورتو جڏهن ته ٻيو ٻار فيضان ٻڏي فوت بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ ۾ 4 ٻارڙن جي ماءُ جي قتل ڪيس ۾ انصاف نه ملڻ خلاف احتجاج

مسمات فرزانه ٻرڙو جي پيرسن ماءُ مائي ميما ٻرڙو پاڪ ڪتاب کڻي مظاهرو ڪيو

7 مهينا گذرڻ باوجود مک جوابدار گرفتار ناهي ٿي سگهيو، انصاف ڪيو وڃي: امڙ

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ قتل ٿيل 4 ٻارڙن جي ماءُ مسمات فرزانه ٻرڙو جي پيرسن ماءُ مائي ميما ٻرڙو پاڪ ڪتاب کڻي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته 7 مهينا گذري وڃڻ جي باوجود پوليس سندس نياڻي جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام وئي آهي هن الزام هڻندي چيو ته ڪيس ۾ نامزد 4 جوابدارن مان صرف هڪ جوابدار صادق ڪوسو کي پوليس گرفتار ڪيو آهي جڏهن ته مک جوابدار حاجي دريا خان عرف کوسو ۽ غلام رسول جمالي عرف بوهڙ ڪوسو کي پوليس گرفتار ڪرڻ بدران ڪليل ڇوٽ ڏئي ڇڏي آهي جيڪي هن وقت ڪين ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن پيرسن مائي ميما ٻرڙو روئندي وڌيڪ انڪشاف ڪيو ته جوابدارن ڪين هراساني جو بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5



ڪنڊڪوٽ: ناري جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ امڙ پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪندي

لکي غلام شاهه پوليس پاران ٻن جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

لکي غلام شاهه (ن ع) ايس ايس پي شڪارپور محمد ڪليم ملڪ جي هدايت تي نوجوان نسل کي تباهي ڏانهن ڌڪيندڙ عنصرن خلاف گهيرو سخت منشيات فروشن خلاف ڪارروائي دوران 2 جوابدار گرفتار 6 ڪلوگرام چرس هٿ، ڪيس داخل. ٿاڻو لکي غلام شاهه ۽ ٿاڻو چڪ پوليس منشيات جي اسمگلنگ ۾ ملوث بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5



لکي غلام شاهه: پوليس ڪارروائي ۾ منشيات سميت گرفتار ڪيل جوابدار

خيرپور ۾ گيسٽرو وبائي تي ڪنٽرول نه ٿيو، 24 ڪلاڪن ۾ 150 کان وڌيڪ متاثر اسپتال داخل

گذريل 24 ڪلاڪن دوران لال ڏنو، ڏٺي بخش، شهمير، اياز، نصيبا خاتون ۽ ٻين کي سول ۽ سٽي اسپتال آندو ويو

مريضن جي وڌندڙ انگ سبب وارڊن تورڙي ايمرجنسي ۾ رش وڌي وئي، دوائن جي پڻ کوٽ

رهواسين پاران صحت کاتي کان گيسٽرو جي وبا تي ضابطو آڻڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کڻڻ جو مطالبو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ۽ آس پاس وارن علائقن ۾ گيسٽرو وبائي صورت اختيار ڪري ورتي آهي جنهن سبب مردن، عورتن توڙي ٻارڙن ۾ دست، بخار ۽ الٽيون ۽ ٻيون بيماريون وڌي رهيون آهن ذريعن موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران 150 کان وڌيڪ مريض گيسٽرو ۾ مبتلا ٿيڻ بعد علاج لاءِ سول اسپتال ۽ سٽي اسپتال خيرپور منتقل ڪيا ويا. مريضن ۾ لال ڏنو ڏٺي بخش، شهمير، اياز، نصيبا خاتون، فوزيا، مائي حڪيما، سونا خاتون، شازيا خاتون ۽ ٻين ڪيترن ئي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

پيٽ شاهه ۾ چورين ۽ ڦرون وڌڻ خلاف شهري جو پوليس خلاف احتجاج

گهر مان موٽر ۽ لوهي سريو چوري ٿيڻ باوجود ڪارروائي ناهي ٿي: شڪيل راجپوت

آءِ جي سنڌ ۽ اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس وٺي چورن خلاف ڪارروائي جو مطالبو

پيٽ شاهه (ن ع) پيٽ شاهه ۾ چورين، ڦرن جي وارداتن کان بيزار شهري جو پوليس خلاف احتجاج. بکهيا محلي واسي شڪيل راجپوت ايس ايڇ او پيٽ شاهه خلاف احتجاج ڪندي چيو آهي ته پيٽ شاهه ۾ چوريون، ڦرون ۽ ڌاڙن مان شهري تنگ ٿي ويا آهن. پوليس ڌوهارين خلاف ڪجهه به نٿي ڪري. بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو ۾ قومي عوامي تحريڪ جو پاڻي کوٽ ۽ مهانگائي خلاف احتجاج

پنجاب کي پاڻي ڏئي سنڌ ۾ پاڻي جي هٿرادو کوٽ پيدا ڪئي وئي آهي:مظاهرين

سنڌ ۾ هٿرادو مهانگائي ڪري عوام کي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوباگو (ت ر) قومي عوامي تحريڪ مرڪز پاران اعلانيل متحد ۽ مضبوط سنڌ جي عنوان هيٺ سنڌ ۾ پاڻي جي هٿرادو کوٽ مهانگائي ۽ بدامني خلاف قومي عوامي تحريڪ سٽي ٽنڊوباگو پاران سٽي صدر يار محمد شاهه قريشي ضلعي اڳواڻ حسين درس، بلاول پٺاڻ جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب ٽنڊوباگو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته پنجاب کي پاڻي ڏئي سنڌ ۾ پاڻي جي هٿرادو کوٽ پيدا ڪئي وئي آهي جنهن سان سنڌ جي زراعت تباهه ٿي رهي آهي هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ هٿرادو مهانگائي ڪري عوام کي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي هنن مطالبو ته پاڻي جي هٿرادو کوٽ ختم ڪري سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي ڏنو وڃي ۽ مهانگائي تي ضابطو آڻي عوام کي خودڪشيون ڪرڻ کان بچايو وڃي



ٽنڊوباگو: قومي عوامي تحريڪ پاران احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

آپڪا سنڌ پاران عامر علي قادري سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر نامزد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آپڪا سنڌ پاران عامر علي قادري سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر نامزد ڪيو ويو آهي ان حوالي سان آپڪا سنڌ پرونشنل ايگزيڪيوٽو باڊي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5



ککڙ پرسان گهرو اٿيئيت تان 24 ورهين جي نوجوان ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

ککڙ (ن ع) ککڙ پرسان گهرو اٿيئيت تان 24 ورهين جي پورهيت نوجوان پاران مبينا طور ڦاهو کائي خودڪشي ڪرڻ جو افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي، ککڙ ٿاڻي جي حد ۾ واقع ڳوٺ اميد علي ٻبر ۾ محمد پٽ ناظم ٻبر گهرو اٿيئيت سبب گهر اندر پکي سان تار ٻڌي ڦاهو کائي پنهنجي زندگي جو خاتمو آڻي ڇڏيو، ذريعن موجب خودڪشي جي واقعي کان بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي لڳ سوئي گيس کاتي جو آپريشن، چوري جون 300 کان وڌيڪ لائينون ڪاٽا، ڏنڊ لاڳو

خدا جي بستي جي مختلف علائقن ۾ عملدارن عزيز خان ۽ اياز جکراڻي جي اڳواڻي ۾ آپريشن ڪيو ويو

چاڻايل علائقن ۾ 40 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ رقم جي گيس چوري ڪئي وئي آهي: عملدار

آپريشن دوران ربڙ جي پائپن وارين 300 کان وڌيڪ لائينو ڪاٽيون ويون، گيس چورن تي ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيا ويا

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) ڪوٽڙي سائيٽ جي خدا جي بستي جي مختلف علائقن ۾ سوئي گيس جي چوري ۽ باقيدارن خلاف گيس کاتي جي عملدارن عزيز خان ۽ اياز جکراڻي جي اڳواڻي ۾ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5



سکر: ويزن فار ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران مفت اکين جي ڪئمپ ۾ مريضن جي چڪاس ڪئي پئي وڃي



لاڙڪاڻو: گرمي سبب لڳايل ٿڌي پاڻي جي اسٽال جو ڏيک

غلام الله لڳ پورهيت پاڻي جي واٽر ۾ ٻڏي فوت

ڳوٺ عبدالله چانڊيو ۾ جاويد گاڏاهي مرگهي وڳهي واٽر ۾ ڪري پيو

لاش اسپتال منتقل، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام

غلام الله (ن ع) غلام الله لڳ ڳوٺ عبدالله چانڊيو ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي پورهيت جاويد گاڏاهي ٻروچ مرگهي جو دورو پوڻ سبب پاڻي جي واٽر ۾ ڪري پيو ۽ ٻڏي فوت ٿي ويو.واقعي کان پوءِ وارثن ۽ ڳوٺاڻن پاران لاش کي رورل هيلٿ سينٽر ۾ منتقل ڪيو ويو جتي ايم ايس ڊاڪٽر ساجد شيخ جاچ کان پوءِ سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي.ضروري ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. واقعي سبب علائقي ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانيل آهي، جڏهن ته فوتي جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آهي.

اسلام ڪوٽ ۾ ٿرڪول بلاڪ ون متاثرن جو معاوضو نه ملڻ خلاف احتجاج

ڳوٺ ورواڻي جي رهواسين جو سائينو سنڌ ڪمپني خلاف مظاهرو ڪري نعريبازي

گهر، زمينون ۽ روزگار متاثر، دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهيون:مظاهرين

اسلام ڪوٽ(ن ع)اسلام ڪوٽ ۾ ٿرڪول بلاڪ ون جي متاثرين جو سائينو سنڌ ڪمپني خلاف احتجاج،معاوضو ڏيڻ جو مطالبو.انهي سلسلي ۾ ٿرڪول بلاڪ ون جي متاثر ڳوٺ ورواڻي جي رهواسين محمد ملن لنجو،محمد جمن لنجو،سليمان لنجو،الهجڙيو لنجو،محمد يوسف لنجو،گل محمد لنجو،ممتاز علي لنجو،رياض علي لنجو،سهراب علي لنجو ۽ ٻين پريس ڪلب اسلام ڪوٽ آڏو احتجاج ڪندي دانهيو آهي ته ضلعي انتظاميه ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي عرض ٿا ڪريون ته اسان ورواڻي جا اصل رهاڪو آهيون.ورواڻي ۾ اسان جا سروري نمبر 5، ۽ 19 پڻ آهن جن نمبرن ۾ گهرن جا سائنو سنڌ ڪول ڪمپني اجائز پئسا ناهن ڏنا ان کان علاوه اسان وٽ ورواڻي جا رهاڪو هجڻ جو هر ڪاغذي ثبوت موجود آهي جڏهن ته اسان جا مخالف ڳوٺاڻا ڪمپنيءَ سان ملي اسان جي گهرن ۽ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5



اسلام ڪوٽ: ڳوٺاڻا احتجاجي مظاهرو ڪندي

ٺري ميرواهه ۾ ڳوٺاڻن جو بااثرن جي ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ ڏاتو دستي واسين مسمات سڌوري، مسمات تهمينا ۽ ٻين احتجاج ڪيو

بااثرن گهرن ۽ زمين قبضي لاءِ جهوٽا ڄاڻايا ٺڳائي ڇڏيو آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

ٺري ميرواهه(ن ع) ڳوٺ ڏاتو دستي جي رهواسين جو بااثرن پاران گهرن تي حملو فائرنگ پنج ڄاهه خلاف دستي برادري جي عورتن ۽ مردن جو احتجاج ڪندي مسمات سڌوري دستي مسمات تهمينا ڪلثوم، سعيد احمد دستي ۽ ٻين قرآن پاڪ هٿ ۾ کڻي داهيندي چيو ته اسان غريب مسڪين آهيون اسان جي گهرن تي بااثر اسلم عرف اسلو دستي ،سڪندر،غلام قادر اصغر دستي ۽ ٻين ريهه کان وڌيڪ نامعلوم ماڻهن رات اسان جي گهر مٿان فائرنگ ڪئي آهي ۽اسان جي گهر جو سامان ٻڪريون سولر ۽ ٻيو سامان کڻي ويا آهن دڪان کي به نقصان رسايون آهي اسان جون عورتون پڻ حراس ۾ بيهوش ٿي ويون هيون اسان کي مارڻ چاهن ٿا جڏهن ڪجهه مهينا پهريان لياقت دستي ۽ آشا دستي حيدرآباد جي ڪورٽ ۾ پيار جو پرڻو ڪيو هيو جنهن کان پوءِ هي ماڻهو اسان جي گهرن بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

مورو شهر ۾ بدامني خلاف قومي عوامي تحريڪ پاران احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن خان سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو بک هڙتال ڪئي

شهرين جي جان مالي جي حفاظت يقيني بڻائي ڏيل چورين واپس ڪرايون وڃن: مظاهرين

مورو(ن ع) مورو ۾ قومي عوامي تحريڪ پاران هڪ هفتو اڳ ۽ هڪ رات اڳ ٿيل چوري واري عمل خلاف مورو پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال جنهن جي اڳواڻي خان سومرو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته مورو شهر اندر بد امني وڌي وئي آهي چونديل نمائندا به ڪو نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهن جنهن سبب اسان جي جان مال ملڪيت غير محفوظ بڻيل آهي خان محمد سومرو چيو ته سان قومي عوامي ورڪرز جو مرڪزي اڳواڻ آهيان پوري سنڌ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي سماجي برائين خلاف آواز بلند ڪيو آهي ۽ هتي منهنجي دوڪان جي به پيرا چوري ٿي آهي ۽ پوليس ڪو قدم کڻڻ جي لاءِ تيار ناهي پوليس صرف اسان کي دلاسا ڏئي ٿي باقي چورن ڦورن يا ڌوهاري قسم جي ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي نه ٿي ڪئي وڃي هن مطالبو ڪيو ته شهر ۾ امن امان جي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5



پيٽ شاهه: چورين ۽ ڦرون وڌڻ خلاف شڪيل راجپوت احتجاجي مظاهرو ڪندي

ٺري ميرواهه ۾ عورت جو ٻارن سميت بااثر جي زيادتين خلاف احتجاج

ڏير ۽ سهري ٻارن تي تشدد ڪري گهران ڪڍي پلاٽ تي قبضو ڪيو آهي: نصيبان ويسر

جيستائين مون سان انصاف نه ٿيو ته ٻارن سميت پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيندس

ٺري ميرواهه(ن ع) ٺري ميرواهه پرسان سان ڳوٺ گهنور ويسر جي متاثر عورت جو پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏجي بااثر جي زيادتين خلاف ميرواهه پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو (ان موقعي تي متاثر عورت نصيبان ويسر ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته منهنجو ڏير انجنيئر ويسر پٺاڻ ويسر ۽ منهنجو سهرو نبي ڏنو ويسر مون تي ۽ منهنجي ٻارن تي تشدد ڪري گهران ڪڍي پلاٽ تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي ۽ مونکي پنهنجي ذاتي گهر ۾ رهڻ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال مان چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٿ نه آئي، متاثرن جو احتجاج

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي جي احاطي مان موٽر سائيڪل چوري ٿيڻ واري واقعي کي 10 ڏينهن گذرڻ باوجود گاڏي هٿ اچي نه ٿي سگهي آهي جنهن تي متاثر شهري فرحان چانڊيو پنهنجي ساٿي علي حسن چانڊيو سان گڏ سنڌ پريس ڪلب جامشورو اڳيان بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪپرو ۾ ڳوٺاڻن جو پوين جي سرگرمين خلاف احتجاج، انتظاميا کان نوٽيس جو مطالبو

ڪپرو(ن ع) ٽنڊومٺاخان پرسان ڳوٺ جوارڙو ۾ مبينا ڪارو علم تعويذن ۽ پوين جي سرگرمين جا انڪشاف، ڳوٺاڻن پاران جاچ جو مطالبو ڳوٺاڻن جو احتجاج پرسان ڳوٺ جوارڙو جي رهواسين مبينا ڪارو علم تعويذن ۽ پوين جي سرگرمين خلاف سخت احتجاج ڪندي اختيارين کان نوٽيس وٺڻ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي سول اسپتال ۾ ڊاڪٽر جي غيرموجودگي خلاف احتجاجي مظاهرو

ڏگهڙي (ن ع) سول اسپتال ڏگهڙي ۾ ڊيوٽي ڊاڪٽر جي مبينا غيرموجودگي سبب زخمي نينگري کي بروقت طبي امداد نه ملي سگهي جنهن تي نينگري جي والد سخت احتجاج ڪندي اسپتال انتظاميا خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي متاثر نينگري جي والد محمد بچل بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

مورو فرسٽ سول جج جوڊيشنل مئجسٽريٽ پاران سب جيل جو دورو، قيدين کان سهولتن بابت معلومات ورتي

مورو(ن ع) مورو جي سب جيل تي فرسٽ سول جج جوڊيشنل مئجسٽريٽ مورو مدد علي ڪوسو جو اوچتو دورو قيدين کان سهولتن بابت معلوم ورتي قيدين پاران فرسٽ سول جج آڏو شڪايت ڪئي ته اسان کي سهولتون فراهم نه پيون ڪيون وڃن نه صفائي بهتر آهي نه پاڻي جي سهولت آهي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام پوليس جو مقابلي ۾ هڪ ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ٽنڊوڄام(ت ر) ٽنڊوڄام پوليس ٽنڊو قيصر لنڪ روڊ تي بلوري شاخ پرسان مبينا پوليس مقابلي دوران هڪ ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا پوليس موجب گشت ڪندڙ پوليس ٽيم شڪي موٽر بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

هالا ويجهو ٽرالر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت

جانو واٽر اسٽاپ وٽ تيز رفتار ٽرالر جو موٽرسائيڪل سان زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ انور خان زرداري موقعي تي فوت ٿي ويو، لاش تعلقه اسپتال منتقل

ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن جي حوالي، گهر ۾ ڪهرام، ٽرالر ڊرائيور موقعي تان فرار

هالا (ت ر) هالا ويجهو قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو. قومي شاهراهه تي جانو واٽر اسٽاپ وٽ تيز رفتار ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5



اوباوڙو: قتل ٿيل مختيار ڇڄڻ جي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ وارث احتجاج ڪندي

ٽنڊومحمدخان نوجوان جي بيروزگاري کان تنگ ٿي خودڪشي جي ڪوشش، اسپتال منتقل

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان شهر جي رهواسي 20 سالا نوجوان عظمت شاهه بيروزگاري کان تنگ اچي ڦليلي ڪئنال ۾ ٽپو ڏئي خود ڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ان موقعي تي ڳوني ڪئنال واهه تي بيٺل پوليس جي نوجوانن ۽ علائقي واسين پاران وڏي ڪوشش کان پوءِ سندس بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5



ٽنڊو محمد خان: گهر اندر ڦاهو کائي آپگهات ڪندڙ منير بروهي جو فائل فوٽو

اوباوڙو ۾ قتل ٿيل مختيار ڇڄڻ جي وارثن جو جوابدارن خلاف احتجاج

شادي تقريب دوران هٿياربندن نوجوان مختيار احمد ڇڄڻ کي قتل ڪيو:مظاهرين

جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ تي نيشنل هاءِ وي بند ڪرڻ جو چتاءُ

اوباوڙو (ن ع) اوباوڙو لڳ راڻ آباد جي ڳوٺ محمد علي ڇڄڻ ۾ گذريل ڏينهن سومرا برادري هٿان قتل ٿيل مقتول مختيار احمد ڇڄڻ جي وارثن محمد علي ڇڄڻ قبول احمد ڇڄڻ عبدالحليم ڇڄڻ ۽ ٻين احتجاج ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته افسوس آهي اسان جي شادي ۾ سومرا برادري جي 40 کان مٿي هٿياربندن شبير احمد سومرو عبدالحميد سومرو رمضان سومرو خميسو سومرو پريل سومرو وهاب سومرو وارن سرعام هٿيار کڻي اسان جي نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو اسان جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون جنهن کان پوءِ اسان ايس ايڇ او اوباوڙو رفيق احمد سومرو ۽ ڊي ايس پي اوباوڙو عبدالقادر سومرو کي فون به ڪئي پر انهن اسان جي مدد نه ڪئي ويتر ايس ايڇ او اوباوڙو رفيق سومرو اسان کي ڌمڪيون ڏنيون اسان تي حملو جيڪو ٿيو آهي ان ۾ ايس ايڇ او بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ قومي عوامي تحريڪ جو پاڻي کوٽ ۽ سنڌ دشمن منصوبن خلاف پيادل مارچ

نسيم نگر چوڪ کان علي پيلس تائين مارچ ڪري سنڌو درياهه تي ڊاڙي ۽ پاڻي کوٽ خلاف نعريبازي

سنڌ ۾ پاڻي جي هٿرادو کوٽ سبب سارين جو ٻيجارو ۽ ٻيا فصل سڪي ۽ سڙي رهيا آهن: مظاهرين

سنڌ دشمن چاهين ٿا ته سنڌ جا ماڻهو هڪٻئي سان وڙهن. ڪوڙا بهتان ۽ الزام هڻي هڪٻئي جو رت وهائين

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي سنڌ ۾ پاڻي جي هٿرادو کوٽ، سنڌو درياهه تي ڊاڙي، 28هين ترميم، ڪريشن، سنڌ ٽوڙڻ جي سازش سميت سنڌ دشمن منصوبن خلاف متحد ۽ مضبوط سنڌ جي عنوان سان حيدرآباد ۾ نسيم نگر چوڪ کان پيادل مارچ ڪري علي پيلس تائين ڪيو ويو مارچ جي اڳواڻي اڳواڻي قومي عوامي تحريڪ ضلعي حيدرآباد جي صدر بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد مان نوجوان نثار احمد رند پراسرار طور گم، وارث پريشان

صدر ٿاڻي جي حد ڳوٺ گلاب ماڇي مان ڏيڍ مهينو اڳ نوجوان لاپتا ٿيو:وارث

وارثن پاران ايس ايس پي ۽ انتظاميه کان فوري نوٽيس وٺي ڳولا جو مطالبو

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي حد ڳوٺ گلاب ماڇي مان ڏيڍ مهينو اڳ پراسرار نموني نوجوان نثار احمد رند لاپتا ٿي ويو جنهن جو هن وقت تائين ڪوبه ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي. نوجوان جي پوڙهي والده مسمات ماروي رند معصوم ٻارڙن سان گڏجي پريس ڪلب بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ گندي پاڻي جي شڪايتن تي ڊي سي ٽريٽمينٽ پلانٽ پهچي جائزو ورتو

گندي پاڻي جي شڪايتن جو نوٽيس وٺندي سيمپل مهراڻ يونيورسٽي ليبارٽري موڪليا ويا

ماحولياتي تحفظ ۽ عوامي صحت تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو: غضنفر قادري

ڪوٽڙي (ن ع) عوامي شڪايتن ۽ ميڊيا ۾ هلندڙ خبرن جو نوٽيس وٺندي ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر علي قادري ڪوٽڙي ٽريٽمينٽ پلانٽ جو دورو ڪري اتي جي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو دوري دوران ڊپٽي ڪمشنر ڪوٽڙي سائيٽ ۽ ڪوٽڙي ٽريڊ ايسوسيئيشن جي نمائندن بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5



ٺري ميرواهه : ڳوٺ ڏاتو دستي جا رهواسي بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

ٽنڊوالهيار عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي عمر قيد ۽ ڏهه لک ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج محمد عباس سيال جي عدالت ۾ قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار لالچند عرف لالو ڀيل کي عمر قيد ۽ ڏهه لک ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي ياد رهي ته جوابدار لالچند عرف لالو ڪجهه سال اڳ پيارولنڊ ٿاڻي جي حد ۾ عبدالخالق خاصخيلي کي ڪهاڙين جا وار ڪري قتل ڪيو هو جنهن جو ڪيس سنڌن پاءِ گلشير بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5



ڪوٽڙي سائيٽ: ڊي سي جامشورو غضنفر علي ڪوٽڙي ٽريٽمينٽ پلانٽ جو دورو ڪندي



Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BIDS

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-LOG-60-4035-323965959-2026	RENTAL DIESEL GENSET (300 KVA) FOR LOGISTICS FIELD TANDO ALAM	01.07.2026 AT 1030 Hrs
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-LOG-324419417-2026	SERVICES FOR VEHICLE TRACKING & MONITORING SYSTEM (VTMS)	01.07.2026 AT 1030 Hrs
3.	OGDC-SCM-FB-CB-PEnFD-323322330-2026	CHEMICAL INJECTION PACKAGES (CIPs)	14.07.2026 AT 1100 Hrs

EXTENSION NOTICE

BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **25.05.2026**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case is extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-3978-321927882-2026	SERVICES FOR EXECUTION OF ATA-2026 JOBS AT KPD-TAY PLANT	29.06.2026 AT 1030 Hrs

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk**.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com
No.281/37

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.